website: www.dailypaksindh.com ★★

اتر سنڌ مان نڪرندڙ پاڪ صاف صحافت جي علمبردار
ABC Certified
DAILY PAKSINDH SUKKUR
روزانه
پاڪ سنڌ
سکر
چيف ايڊيٽر
رفيق احمد پيرزاده

سومر 12 مئي 2025ع بمطابق 14 ذوالقعد 1446هه (شمارو نمبر 173 جلد33) قيمت 10 روپيا

پاڪ فضائيه جي شاندار ڪارروائي ۽ ڀارتي جهازن جي تباهي جون شاهديون دنيا آڏو وائيڪيون

ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪوڙ جو پردو فاش ڪري ڇڏيو 6 ۽ 7 مئي جي رات پاڪ فضائيه ۽ ڀارتي جهازن وچ ۾ تاريخ جو ڏکيو مقابلو قرار

هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تي ٻڌل انهي فضائي جنگ جي دوران پاڪ فضائيه جي شاهين 5 ڀارتي جهاز ڪيرايا، تباهه ڪيل ڀارتي جهازن ۾ 3 جديد رافيل جهاز 1 مگ 29 ۽ هڪ ايس يو 30 شامل هئا: ڊي جي آءِ ايس پي آر

ڀارت روايتي هٺ ڌرمي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي جهاز ڪيرائڻ جي خبر کان انڪار ڪيو، ڪجهه ڀارتي ميڊيا چينلز جهاز ڪرڻ وارين خبرن جي تصديق ڪئي جيڪا بعد ۾ مودي سرڪار هٽرائي ڇڏي:

ڀارتي صحافي پراوين سواهني به 6 ۽ 7 مئي جي رات جمون، ڪشمير ۾ ڀارتي فضائيه جي 3 جيٽ جهازن جي تباهي جون شاهديون ڏنيون

پراوين سواهني چيو ته انڊين ايڪسپريس ۽ دي هندو اخبار ٻٺنڊا جي ڀرسان هڪ ٻئي ڀارتي جهاز ڪرڻ جي خبر ڏني، دي هندو چينل 40 منٽن کان پوءِ ٻٺنڊا ڀرسان جهاز ڪرڻ جي خبر کي هٽائي ڇڏيو

ڊي جي آءِ ايس پي آر ۽ سينيئر ايئرفورس آفيسر گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ڀارتي رافيل جهاز ڪيرائڻ جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت پيش ڪيا، ثبوتن ۾ ڀارتي جهازن جا نمبر ۽ تباهه ٿيڻ جي لوڪيشن به ڏيکاري وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م ر د) پاڪ فضائيه جي زبردست جوابي ڪارروائي ڪان پوءِ ڀارتي جهازن جي تباهي جون شاهديون به سامهون اچي ويون آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪوڙ جو پردو فاش ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب 6 ۽ 7 مئي 2025 جي رات پاڪ فضائيه ۽ ڀارتي جهازن /ڏسو صفحو 2 بقايا 01

ٽرمپ ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ جي خواهش جو اظهار، وزيراعظم آمريڪي صدر جي بيان جي آجيان

پاڪستان ۽ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪندس ۽ ڏسندس ته ڇا هزارين سالن کان اٽڪيل ڪشمير مسئلي جو ڪو حل نڪري سگهي ٿو: ٽرمپ

ڀارت ۽ پاڪستان جي مضبوط قيادت تي تمام گهڻو فخر محسوس ڪيان ٿو، ٻنهي ملڪن جي قيادت دانشمندي جو مظاهرو ڪيو

مون کي فخر آهي ته آمريڪا توهان کي ان تاريخي ۽ شاندار فيصلي تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪري سگهيو: آمريڪي صدر

ٻنهي عظيم قومن سان واپار کي هٿي ڏيندس: ٽرمپ پاڪستان ۽ ڀارت سان واپاري لاڳاپا وڌائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو: ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل پوسٽ

آمريڪي صدر جي قيادت ۽ عالمي امن لاءِ سندس عزم تي تمام گهڻو ٿورائتو آهيان ۽ صدر ٽرمپ جي آڇ کي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ اهم سمجهان ٿو: وزيراعظم

پاڪستان ۽ آمريڪا امن ۽ سلامتي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا رهيا آهن، صدر ٽرمپ جي قيادت ۾ پاڪستان کي هڪ مضبوط پائيدار مليو آهي: شهباز شريف

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪشمير مسئلو حل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪري ڇڏي. پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ پوسٽ ۾ ڊونلڊ ٽرمپ لکيو ته پاڪستان ۽ ڀارت سان گڏجي ڪم ڪندس ۽ ڏسندس ته ڇا هزارين سالن ڪانپوءِ ڪشمير مسئلي جو ڪو حل نڪري سگهي ٿو ڪشمير مسئلي جي حل /ڏسو صفحو 2 بقايا 02

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر نيوي ۽ فضائيه جي قيادت سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ جي گورنر پاران آرمي چيف جنرل حافظ سيد عاصم منير فاتح جنرل قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران /ڏسو صفحو 2 بقايا 03

پاڪستاني پاران فنڪارن به ڀارت سان جنگبندي جي آجيان

لاهور (م ر د) پاڪستاني فنڪارن به پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 04

پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختاري جي حمايت جاري رکنداسين: چين جو اعلان

چين جي پرڏيهي وزير وانگ ژي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفونڪ رابطو، حمايت جي خاطري

پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختاري جي حمايت جاري رکنداسين: چين پاران جنگبندي لاءِ مشاورت ۽ سفارتي حل تي زور

جنگ ڀارت جي چونڊ نه هئي، ڀارت ۽ پاڪستان جنگبندي لاءِ پرعزم آهن، دهشتگردي جي مخالفت ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چين جي پرڏيهي وزير وانگ ژي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي ڳالهيون ڪندي پاڪستان ۽ ڀارت کان دير تائين جنگبندي جي لاءِ مشاورت ۽ سفارتي حل تي زور ڏنو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا 05

اڄ غيرت، جرئت ۽ قومي وحدت جي فتح جو ڏينهن آهي: مريم نواز

مريم نوازشريف وزيراعظم شهباز شريف جي يوم تشڪر ملهائڻ جي فيصلي جي آجيان

رب پاڪ جي شڪر گذار آهيان ته دشمن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو: پنجاب جي وزيراعليٰ

پاڪستان جو دفاع نه وسارڻ جوڳو آهي، دنيا ڏسي ورتو ته پاڪستان پنهنجي دفاع ۾ هڪ قدم پوئتي نه هٽندو

لاهور (م ر د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف چيو آهي ته اڄ غيرت، جرئت ۽ قومي وحدت جي فتح جو ڏينهن آهي. مريم نوازشريف وزيراعظم شهباز شريف جي يوم تشڪر ملهائڻ جي فيصلي جي آجيان /ڏسو صفحو 2 بقايا 06

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قوم کي خطاب ڪري رهيو آهي

رب انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو جيڪي سندس راهه ۾ قطارون ٻڌي وڙهن ٿا: وزيراعظم

پاڪستاني قوم کي مبارڪباد ڏيان ٿو، غيرت مند پاڪستانين کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو

جڏهن ڪو اسان جي خودمختياري کي للڪاريندو ته اسان پنهنجو دفاع ڪندي رڪ جي ڀت بڻجي دشمن تي غالب ايندا آهيون

پاڪستان جي شاهينن ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ ڀارتي فوج جي توپن کي چپ ڪرائي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو ته الله انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو جيڪي سندس راهه ۾ قطارون ٻڌي وڙهن ٿا، اڄ مان سڄي پاڪستاني قوم کي مبارڪباد ڏيان ٿو. /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

پاڪستان جي جوابي دفاعي ڪارروائي هندستان جي طاقت کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو: خواجه آصف

هندستان سوچيو ته شايد پاڪستان کي رڳڙو ڏئي پنهنجي شرطن تي آڻيندو پر اها سوچ ڪيس ڪنڌ ڀڃي ويو

اسان جنگ جي رفتار کي وڌائي سگهون ٿا، پر اسان جنگ تي بريڪ لڳائڻ جو آپشن پيش ڪيو: وفاقي دفاعي وزير

هندستان جي ساک تي سوال اٿاريا ويا آهن، جيڪڏهن ڳالهيون جاري رهيون ته ان مان نڪرڻ جا طريقا نڪرندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) دفاع واري وزير خواجه آصف جو چوڻ آهي ته پاڪستاني هٿياربند فوجن جي جوابي دفاعي ڪارروائي هندستان جي طاقت کي مٽي ۾ ملائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

اسلام آباد: بچاءَ واري وزير خواجه آصف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو ڀارت خلاف سائبر حملو سڀ کان وڏو حملو قرار

جمعي جي رات وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ هندستان خلاف جوابي آپريشن جي منظوري ڏني وئي

حڪمت عملي جي پويان غير معمولي منصوبابندي ۽ قيادت ۽ فوج جي ايمان جي جذبي جو ميلاپ هو

آپريشن جي ناليءَ کان وٺي حملن تائين، هر قدم ۾ اسلامي اصولن تي عمل ڪيو ويو: سڪيورٽي ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سول ۽ فوجي قيادت جي اعليٰ سطحن تي منظور ٿيل هڪ محتاط پر مربوط فوجي آپريشن ۾، پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 08

پاڪ-ڀارت جنگ بندي جي اعلان تي ڀارتي ميڊيا تپي باهه، ٽرمپ تي تنقيد

آمريڪي صدر پنهنجي حدن کان اڳتي نڪري ويو آهي: ڀارتي اينڪر ارنب گوسوامي

جڏهن ڀارت آمريڪي ثالثي قبول ئي نه ڪئي ته پوءِ ٽرمپ ڪهڙي بنياد تي جنگبندي جو اعلان ڪيو

آمريڪي صدر کي زميني حقيقتن جو شعور ئي نه آهي، مون کي ان اعلان تي اعتراض آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ هو چئي رهيو هو ته ان جو هن تڪرار سان ڪو واسطو ئي ناهي، اسان جو چينل سندس بيان نه هلائيندو

نئين دهلي (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي جي اعلان تي ڀارتي ميڊيا / ڏسو صفحو 2 بقايا 07

”جنگ ۾ نقصان ٿيندو آهي“، ڀارتي فوج پاران رافيل جهاز جي تباهي جي تصديق

نقصان بابت ڪو تبصرو نه ڪندس، دشمن کي فائدو ٿيندو: ايئر مارشل اي ڪي ڀارتي

رڳو ايترو چوندو ته اسان پنهنجا هدف حاصل ڪيا، سمورا پائلٽ حفاظت سان واپس آيا

نئين دلي (م ر د) ڀارتي فضائيه جي ايئر مارشل اوڌيش ڪماريعني اي ڪي ڀارتي تصديق ڪئي آهي ته پاڪستاني ايئرفورس /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

مودي جي جنگي جنون ڀارت کي بند گهٽي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي: شاهد آفريدي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪرڪيٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڀارت سان سيز فائر ٿي سگهي ٿو ته پي ٽي آءِ سان به ٿي: بئريسٽر گوهر

قوم سياسي ۽ ذاتي مفادن کان اڳتي وڌي ڪري ڀارت کي جواب ڏنو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

سڄي دنيا پاڪستان جي ڀارت کي جواب ڏسي چڪي، مستقبل ۾ جارحيت جو اهڙو ئي سخت جواب ملندو

جيڪڏهن ڀارت سان جنگ بندي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ پي ٽي آءِ سان به سياسي جنگ بندي ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر خان جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڀارت سان جنگ بندي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ پي ٽي آءِ سان به سياسي جنگ بندي ٿيڻ گهرجي. نجي ٽي وي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

سعودي عرب، ايران، برطانيا ۽ جرمني سميت عالمي دنيا پاران پاڪ-ڀارت جنگ بندي جي آجيان

پاڪ-ڀارت جنگ بنديءَ مان اميد رکجي ٿي ته اها خطي ۾ پائيدار امن لاءِ مددگار ثابت ٿيندي: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس

جنگ بندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڏن ۽ پراڻن مسئلن جي حل لاءِ هڪ سازگار ماحول پيدا ڪندي، سعودي نائب پرڏيهي وزير عادل الجبير به جنگبنديءَ جو آڌرڀاءُ ڪيو

پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي رابطو، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ امن جي اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار

ساڳئي وقت ايران، برطانيا ۽ جرمني پاران پڻ جنگ بنديءَ جي واکاڻ، جنگ مسئلن جو حل نه هئي، جنگبندي سان يقيني طور امن کي هٿي ملندي: ايران، برطانيا ۽ جرمني

واشنگٽن (م ر د) پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ اعلانيل جنگ بنديءَ تي عالمي برادري مثبت ردعمل ڏنو آهي، جنهن ۾ گڏيل قومون، سعودي عرب، ايران، برطانيا ۽ جرمني خاص طور تي شامل آهن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ، پاڪ-ڀارت /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

بلاول ڀٽو ڀارت کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ پاڪستان جي وڏي ڪاميابي قرار ڏئي ڇڏيو

ڀارت ڪجهه ڏينهن اڳ چيو پئي ته اسان ڳالهين سان نه طاقت جي ذريعي مسئلو حل ڪنداسين پاڪستان جي جوابي حملن کان پوءِ سيز فائر جي لاءِ تيار ٿيو

پاڪ فوج ۽ ايئر فورس جي ڪاميابي ڪارروائي کان پوءِ صرف ڀارتي نه پوري دنيا تي ظاهر ٿي ويو آهي ته پاڪستان پنهنجو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿو

روايتي جنگ بابت پاڪستان جي باري ۾ جيڪو چيو ويندو هو ته پاڪستان ڀارت کان نٿو کٽي سگهي، انهن هاڻ ڏسي ورتو

ڪنهن به نئين ڳالهين يا معاهدي جي لاءِ ضروري آهي ته ڀارت پراڻا معاهدا مڃي ۽ انهن جو احترام ڪري: پ پ پ چيئرمين

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڀارت کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ پاڪستان جي وڏي ڪاميابي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري نجي چينل سان ڳالهين ۾ چيو ته ڀارت جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ چئي رهيو هو ته اسان ڳالهين سان نه طاقت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري آبپاشي پاران کير ٿر ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ جو جائزو

صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري آبپاشي سکر پهتا، ڪينالن جي ڊي سلٽنگ منصوبو 10 جون تي ختم ٿيندو

صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو ۽ سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو ڪينالن جو دورو ڪري ڪم جو جائزو ورتو

آبادگارن کي پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪينالن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڊي سلٽنگ جو ڪم شروع ڪيو آهي: جام خان شورو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پڇڙي جي آبادگارن تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ کير ٿر ڪينال ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو، صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري آبپاشي سکر پهچي ويا، کيرٿر/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

پاڪستان ڀارت کي ٽوٽا چٻائي چيني جهازن جي ڊيمانڊ وڌائي ڇڏي، پاڪ فضائيه جي ڌاڪ

چيني جنگي جهاز وچ اوڀر ۾ طاقت جو توازن بدلائي سگهن ٿا، عالمي فوجن پاڪ ڀارت فضائيه جهڙپ تي تجزيا

ڀارت کي هاڻي اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته پاڪستان جي فضائي طاقت ڀارت کان وڌيڪ آهي: بي بي سي

هڪ ڪلاڪ تائين هلندڙ ڊاگ ويڙهه ۾ ڀارت اربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪرڻ باوجود ناڪام ٿيو: برطانوي صحافي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ / م ر د) پاڪستان ۽ ڀارت جي تازي ڇڪتاڻ چيني ويڙهاڪ جهازن جي ڊيمانڊ وڌائي ڇڏي. پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي جنگي جهازن ۾ هاڻي مصر دلچسپي ڏيکاري آهي ۽ چين ۽ مصر گڏيل هفتي /ڏسو صفحو 2بقايا 21

سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ 47 سيڪڙو ٿي، باوجود واپڊا، پنجاب ۽ ارسا ڪٽ وڌائڻ ۽ ڊيم ڀرڻ تي بضد

سنڌ جي ڪئنالن کي 61 هزار 700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو، ڪوٽ 47 سيڪڙو تي پهچي ويئي

سنڌ جي ٽنهي ڪوٽڙي، سکر ۽ گڊو بئراجن جي ڪئنالن کي ايلوڪيشن جي ابتڙ فقط 32 هزر 600 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو ويو

ٽنهي بئراجن جي ڪئنالن کي ايلوڪيشن جي ابتڙ فقط 32 هزر 600 ڪيوسڪ پاڻي فراهم

سنڌ کي ايلوڪيشن کان 29 هزار ڪيوسڪ گهٽ ۽ پنجاب کي ايلوڪيشن کان 12000 ڪيوسڪ وڌيڪ سرپلس ڪنڌي تي پاڻي فراهم ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ 47 سيڪڙو ٿي وڃڻ باوجود واپڊا، پنجاب ۽ ارسا پنجاب جي ڪئنالن ڪٽ وڌائڻ سان گڏ ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

سکر: آبپاشي وزير جام خان شورو سيڪريٽري سان گڏ ڪئنالن جي دوري دوران بريفنگ وٺندي

ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبو زمينون ۽ معدنيات ڦٻائڻ جي سازش قرار

ارسا ۽ سي سي آءِ جا ادارا وفاق بدران پنجاب جي نمائندگي ڪن ٿا: وسند ٿري / نور احمد ڪاتيار

پنجاب سرڪار ۽ وفاقي حڪومت عملي طور پاڪستان جي وفاق کي قتل ڪري ڇڏيو آهي

نوشهرو فيروز /مورو (نمائندن وٽان) ڪئنالن، ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌ ۾ پاڻي جي [illegible] ڪوٽ، ڊيامير ڀاشا ۽ سنڌ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

اڳوڻي ايم اين اي سيد شبير احمد شاهه جي پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو، مڙهه مٽي ماءُ حوالي

سيد بشير احمد شاهه جي پيءُ، قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ڀيڻ وفات ڪري وئي

سڪرنڊ (رپورٽر) اڳوڻي ايم اين اي سيد شبير احمد شاهه ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سيد بشير احمد شاهه جن جي پيءُ ، قومي اسيمبلي /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

پاڻي جنگ ماحولياتي تحفظ جي هوندي، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون بند، ڊونهون ڇڏيندڙ گاڏين جا چالان جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرحدن تي دشمن کي شڪست ڏئي ڇڏي، هاڻي واري آهي انهن دشمنن جي جيڪي خاموشيءَ /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

روهڙي پوليس وار مبارڪ درگاهه تان 5 لک ماليت جو سامان چوري

درگاهه وار مبارڪ جا تالا ٽوڙي نامعلوم چور 5 لکن کان وڌيڪ سامان چوري ڪري فرار

اطلاع تي وڏي انگ ۾ سياسي سماجي اڳواڻ پهتا، ڪاوڙ جو اظهار، پوليس سيڪيورٽي ڏيڻ ۾ ناڪام

روهڙي (رپورٽر) پوليس درگاهه وار مبارڪ جي سپاليندڙن جي درخواستن باوجود سيڪيورٽي ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڏوڪري ويجهو جوڻيجا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، هڪڙو قتل هڪ سخت زخمي

ڳوٺ يعقوب جوڻيجو ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ڀرسان جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، جڏهن ته هڪ سخت زخمي ٿي پيو. ڏوڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور

لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت هڪ لک روپين جي ضمانتي مچلڪن تي ضمانت منظور ڪئي

لاهور (م ر د) لاهور جي دهشتگردي توڙ عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت منظور ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

بنگلاديش: شيخ حسينه واجد جي سياسي پارٽي عوامي ليگ تي پابندي لاڳو

مفرور وزيراعظم شيخ حسينه جي پارٽي تي دهشتگردي جي انت واري قانون جي تحت پابندي لڳائي

عوامي ليگ جون سرگرميون ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تائين معطل رهنديون

ڍاڪا (م ر د) بنگلاديش جي نگران حڪومت اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جي سياسي پارٽي عوامي ليگ تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. مفرور وزيراعظم شيخ حسينه جي پارٽي تي دهشتگردي /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

دفاعي تجزياتي نگارن پاران ايس 400 جي تباهي پاڪ - ڀارت جنگ جو سڀ کان وڏو واقعو قرار

پاڪستان جي جوابي حملن ۾ ايس 400 جي تباهي ٿي آهي ته اهو سڀ کان وڌيڪ هاءِ پروفائل واقعو آهي

اتر ڀارت جو آدم پور مرڪزي بيس آهي، جيڪو سخوئي اسڪواڊرن مرڪز ۽ سرحد کان 100 ڪلوميٽر پري آهي

پاڪستان هائپر سونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي ته پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهڻي وڌي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/م ر د) يورپ جي دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ اينٽي ايئر ڪرافٽ سسٽم ايس 400 جي تباهيءَ کي پاڪ-ڀارت جنگ جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏنو آهي. بلغاريه ملٽري ريويو موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

جيستائين سنڌ طاس معاهدو بحال نٿو ٿئي، جنگ بندي قبول نه ڪرڻ گهرجي: حليم عادل شيخ

پاڪستان جي جهنڊي ۾ اڇو رنگ اسان جي اقليتن جي نمائندگي ڪري ٿو، فورم منعقد آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

پي ٽي آءِ جي حليم عادل شيخ جي اڳواڻي ۾ ننگرپارڪر پرسان پاڪ ڀارت بارڊر تي ريلي کي خطاب

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) پي ٽي آءِ جي حليم عادل شيخ جي اڳواڻي ۾ ننگرپارڪر پرسان پاڪ ڀارت باردر تي ريلي جيستائين سنڌ طاس معاهدو بحال نٿو ٿئي، جنگ بندي قبول نه ڪرڻ گهرجي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سانگهڙ: ڪارنهن الزام هيٺ مامي هٿان ڀاڻيجي قتل، مک جوابدار گرفتار

ڳوٺ ميهڻل اٽڙ مامي پاران پنهنجي ڀاڻيجي کي ڪارنهن جي الزام هيٺ گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي ورڪشاپ پوليس قتل ٿي ويل عورت جي لاش کي تحويل وٺي سول اسپتال سانگهڙ پهچايو

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ڀرسان ڪارنهن جي الزام هيٺ مامي هٿان ڀاڻيجي قتل، مک جوابدار گرفتار رپورٽ موجب سانگهڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

روهڙي ۾ سنڌ جي نالي واري شاعر حضرت قادر بخش بيدل جو عرس مبارڪ اڄ کان شروع

نالي واري شاعر حضرت قادر بخش بيدل جو 4 ڏينهن تي ٻڌل عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح سيد ناصر حسين شاهه ڪندو

ادبي ڪانفرنس، ڌمال، محفل سماع ۽ ايوارڊز تقريبون رٿيل، راڳ جي محفل اڄ ٿيندي، 14 مئي تي عام موڪل جو اعلان

13 مئي تي سماع ۾ مهمان خاص نعمان اسلام شيخ هوندا، سيد خورشيد احمد شاهه ۽ سيد ڪميل حيدر شاهه پڻ شرڪت ڪندا

عرس جي آخري تقريب "جشن بيدل" جي عنوان سان محفل نعت ۽ ذڪر جو انعقاد ڪيو ويندو، نعت خوان شرڪت ڪندا

سکر (بيورو رپورٽ) معروف درگاهه حضرت قادر بخش بيدل جو 4 ڏينهن تي ٻڌل عرس /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

روهڙي: حضرت قادر بخش بيدل جي درگاهه جو ٻاهريون ڏيک

پاڪ-ڀارت جنگ بندي تي شڪرادا ڪندڙ سلمان خان تنقيد کانپوءِ ٽوئيٽ ڊليٽ ڪري ڇڏيو

ممبئي (م ر د) بالي ووڊ اسٽار سلمان خان پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي بابت ٽوئيٽ ڪرڻ کانپوءِ ڊليٽ ڪري ڇڏيو/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

درياهه ۽ زمينون بچائڻ لاءِ مستقل ڊگهي جدوجهد جي ضرورت آهي: اياز لطيف

سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ۾ ٿڪجنداسين ڪونه، پاڻ هٽنداسين ڪونه ۽ پاڻ ويهنداسين ڪونه

16 مئي تي ڪوٽڙي، 18 مئي تي گولاڙچي ۽ 23 مئي تي مورو ۾ احتجاجي ريليون جاري رکنداسين

ڪجهه ڏينهن اڳ سپني منهنجي ۽ پارٽي جي قومي ۽ سياسي مزاحمتي لائين کي رد ڪيو هو تن کي واڌايون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌو درياهه تي ڏاڙي جي ڏکي تاريخ آهي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

جيئي سنڌو درياهه
No More Canals on Indus
حيدرآباد: اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاهور ۾ پاڪ فوج جي فتح ۽ سيز فائر تي جشن جو ماحول، مٺايون ورهايون ويون

شهر جي مختلف علائقن ۾ شهرين جشن ملهايو ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار

سوين ماڻهن گڏ ٿي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا لڳايا، جڏهن ته فضا جهنڊن ۽ ملي نغمن سان گونجندي رهي

ملڪ جي دفاع ۾ مصروف جوانن تي فخر ڪريون ٿا ۽ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون: شهري

لاهور (م ر د) لاهور ۾ پاڪ فوج جي عظيم فتح ۽ ڀارت سان سيز فائر جي اعلان تي عوام ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي، شهر جي مختلف علائقن ۾ شهرين جشن ملهايو ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

★★
اتر سنڌ مان نڪرندڙ پاڪ صاف صحافت جي علمبردار
ABC Certified
DAILY PAK SINDH SUKKUR
روزانه
پاڪ سنڌ
سکر
Email:paksindhsukkur@yahoo.com
paksindh786@gmail.com

چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر: رفيق احمد پيرزادو نيو انڊس پرنٽنگ پريس مان ڇپرائي "پاڪ سنڌ" جي آفيس پڪ روڊ مان پڌري ڪئي لک پڙهه لاءِ: روزانه پاڪ سنڌ پنا روڊ سکر
رابطي لاءِ: فون 071-5615535 فيڪس: 071-5614202

سومر 12 مئي 2025ع بمطابق 14 ذوالقعد 1446هه

رافيل جهاز جي تباهي، ثبوت ۽ ڀارت جو اعتراف

پاڪ فضائيه جي زبردست جوابي ڪارروائي کان پوءِ ڀارتي جهازن جي تباهي جون شاهديون به سامهون اچي ويون آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر 9 مئي 2025ع تي گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ عالمي ميڊيا جي سامهون ڀارتي ڪوڙ جو پردو فاش ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب 6 ۽ 7 مئي 2025 جي رات پاڪ فضائيه ۽ ڀارتي جهازن جي وچ ۾ پاڪ ڀارت تاريخ جو وڏو مقابلو ٿيو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تي ٻڌل انهي فضائي جنگ جي دوران پاڪ فضائيه جي شاهينن 5 ڀارتي جهاز ڪيرايا. تباهه ڪيل ڀارتي جهازن ۾ 3 جديد رافيل جهاز، 1 مگ 29 ۽ هڪ ايس يو 30 شامل هئا. ڀارت روايتي هٺ ڌرمي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي جهاز ڪيرائڻ جي خبر کان انڪار ڪيو. ڪجهه ڀارتي ميڊيا چينلز جهاز ڪرڻ وارين خبرن جي تصديق ڪئي جيڪا بعد ۾ مودي سرڪار هٽرائي ڇڏي. ڊي جي آءِ ايس پي آر ۽ سينئر ايئرفورس آفيسر گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ڀارتي رافيل جهاز ڪيرائڻ جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت پيش ڪيا، ثبوتن ۾ ڀارتي جهازن جا نمبرز ۽ تباهه ٿيڻ جي لوڪيشن به ڏيکاري وئي. ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته ڀارت موجب اسان جو ڪوبه جهاز تباهه ناهي ڪريو جڏهن ته ڀارتي ميڊيا پاڻ جهاز ڪيرائڻ وارين خبرن جي تصديق ڪري رهيو آهي. جهاز ڪرڻ جي پهرين خبر انڊيا ٽوڊي جمون ڪشمير جي علائقي پاسپور ڪان ڏني. انڊيا ٽوڊي واڻاريل جمون وڪشمير جي 3 علائقن ۾ جهاز ڪرڻ جي تصديق ڪئي. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب ڀارتي فضائيه جا جهاز ڪرڻ جي فوٽيجز ۾ جهازن جو ملبو چڱي ريت ڏسي سگهجي ٿو. ڪيرايل جهاز جي (ٽيل) ڀارتي 17 گولڊن ايرو اسڪواڊرن رافيل بي ايس 001 جي آهي. فوٽيج ۾ تباهه ٿيل جهاز جي انجڻ کي به ڏيکاريو ويو آهي جيڪو ڀارتي جهاز جو آهي. اسان 21هين صدي ۾ رهي رهيا آهيون نه وري 18 صدي ۾ هر شيءِ پنهنجا نشان ڇڏي ويندي آهي. بي بي سي جي نمائندي واريل جمون، ڪشمير کان رپورٽ ڪندي چيو ته پامپور جي علائقي ۾ رات جو ڌماڪي جا آواز ٻڌا ويا جيڪي جهاز ڪرڻ جا هئا. اهڙوئي هڪ ٻيو ڌماڪو جمون جي رام بن جي علائقي ۾ به ٿيو. ڀارتي صحافي پراوين سواهني به 6 ۽ 7 مئي جي رات جمون، ڪشمير ۾ ڀارتي فضائيه جي 3 جيٽ جهازن جي تباهي جون شاهديون ڏنيون. پراوين سواهني چيو ته انڊين ايڪسپريس ۽ دي هندو اخبار ڀٽنڊا جي پرسان هڪ ٻئي ڀارتي جهاز ڪرڻ جي خبر ڏني. دي هندو چينل 40 منٽن کان پوءِ ڀٽنڊا پرسان جهاز ڪرڻ جي خبر کي هٽائي ڇڏيو.

يورپ جي دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ اينٽي ايئر ڪرافٽ سسٽم ايس 400 جي تباهي ۽ کي پاڪ-ڀارت جنگ جو سڀ کان وڏو واقعو قرار ڏنو آهي بلغاريه ملٽري ريويو موجب پاڪستان جي جوابي حملن دوران ايس 400 جي تباهي ٿي آهي ته اهو سڀ کان وڌيڪ هاءِ پروفائل واقعو آهي. آدم پور بيس اتر ڀارت جو مرڪزي بيس آهي، جيڪو سخوئي اسڪواڊرن مرڪز ۽ سرحد کان 100 ڪلو ميٽر پري آهي. دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ ۾ چيو ويو آهي ته انتهائي اهم ايئر بيس تي روسي دفاعي نظام جي تباهي سان ڀارتي دفاعي نظام ڪمزور ٿي ويو، پاڪستان هائپر سونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي ته پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهڻي وڌي وئي. بلغاريه ملٽري ريويو جو اهو به چوڻ آهي ته ٿي سگهي ٿو پاڪستان چين جي هائپر سونڪ ميزائلن جو مقامي نمونو تيار ڪيو هجي، ايس 400 جي تباهي ڀارت جي دفاعي حڪمت عملي ۽ تي ڊگها اثر ڇڏيندي. ملٽري ريويو ۾ چيو ويو آهي ته اهو هڪ علامتي پيغام به آهي ته پاڪستان ڀارت جي گهٽي اندر تائين حملي جي صلاحيت رکي ٿو.

پاڪ ڀارت جنگبندي ۽ آمريڪي ٺيڪيداري جا سبب

پاڪستان ڀارت جي ايئر بيسز تي ميزائيل حملن بعد پاڪ ڀارت سيز فائر يعني جنگ بندي لاءِ راضي ٿي ويا آهن. ڇنڇر ڏينهن شام پنجين وڳي ڌاري آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو اهو ٽوئيٽ منٽن ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي بريڪنگ نيوز بڻجي ٽي وي اسڪرين تي ڇانئجي ويو جنهن ۾ آمريڪي صدر چيو ته، "پاڪستان ۽ ڀارت آمريڪي ثالثي ۾ جنگ بندي لاءِ راضي ٿي ويا آهن". هن ٻنهي ملڪن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته، "ٻنهي ملڪن هوشمندي ۽ دانشمندي جو مظاهرو ڪيو آهي" آمريڪي صدر جي ٽوئيٽ بعد پاڪستان

***
ايم بي سومرو
***

جي پرڏيهي مامرن جي وزير اسحاق ڊار پاڪ ڀارت ۾ جنگ بندي ڪرڻ تي اتفاق جي تصديق ڪئي آهي ته ڀارت جي پرڏيهي وزارت به جنگ بندي جي تصديق ڪئي آهي. آمريڪي ثالثي ۾ جنگ شروع ڪندڙ ٻنهي ملڪن وچم پيدا ٿيل ڪشيدگي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي ٿو ان بابت چٽائي ته جلد ٿي ويندي پر اهو واضح آهي ته هاڻي ٻئي ملڪ ڳالهين جي ميز تي اچي ايندا پر اهو ڏسڻو پوندو ته تڪرارن جو سبب بڻجندڙ مامرا ڪيئن حل ٿين ٿا. ڀارت ۽ پاڪستان وچم جنگن جو سبب پهريان رڳو ڪشمير مسئلو هوندو هيو، هاڻي ان ۾ هن وڌيڪ مسئلن جو واڌارو ٿيو آهي، جن ۾ هڪ دهشتگردي جون ڪارروايون ۽ ٻيو سنڌ طاس معاهدي جو معطل ٿيڻ وارو مامرو شامل آهي. 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات جو جڏهن ڀارت اڳرائي ڪندي پاڪستان اندر سولين آباد کي جنگي هٿيارن جو حدف بڻايو ته پاڪستان ان جي جواب ۾ ڀارت جا پنج جهاز ڪيرائي ان جي فوجي تنصيبات کي حدف بڻايو. پاڪ ڀارت وچم لڳ ڀڳ چار ڏينهن تائين هلندڙ جنگ دوران پاڪستان ته ڪنهن حد تائين تحمل جو مظاهرو ڪندي نظر آيو پر ڀارتي وزير اعظم نريندر مودي جي جنونيت مامري کي ٻرندي تي تيل وارو ڪم ڪري رهي هئي. 9 ۽ 10 مئي جي وچواري رات جڏهن 77 ڊرون حملن بعد ڀارت پاڪستان جي نور خان ايئربيس، شورڪوٽ ايئربيس ۽ مريد ايئربيس کي ميزائيلن جو نشانو بڻايو ته حملن جي فوري بعد پاڪستان ڀارت خلاف آپريشن 'بنيان مرصوص' يعني لوهي ديوار ثالثي آپريشن جو اعلان ڪندي ڀارتي ايئربيس سسٽم ۽ فوجي تنصيبات کي حدف بڻائي سخت جوابي ڪارروائي ڪئي، جنهن ڪارروائي بعد ڀارتي فوج اها تصديق ڪئي ته پاڪستان جي ڪاروائين سان ڀارت جو نقصان ٿيو آهي. ڏسجي ته ڀارت جي 9 ۽ 10 مئي جي رات ڪيل ڪاروايون سبب پاڪستان جي برداشت ۽ تحمل مزاجي جو بند ٽٽي پيو ۽ پاڪستان سخت جواب ڏيندي اڳتي جي حڪمت عملي لاءِ ڪمانڊ اٿارٽي جو اجلاس طلب ڪيو، سموري سياسي قيادت سان رابطا ڪيا جنهن بعد هاڻي پاڪ ڀارت وچم جنگي ويڙهه تيز ٿيڻ جا سنجيده خطرا لاحق ٿيندي محسوس ٿيڻ لڳا. ڀارت ۽ پاڪستان وچم هلندڙ چار ڏينهن جي ڪشيدگي ۾ فوجي تنصيبات سوڌو سولين آبادين کي نشانو بڻايو ويو جنگي هٿيارن استعمال ٿيا جن ۾ بنا پائليٽ وارا ڊرون به شامل هئا. ٻنهي ملڪن وچم نه رڳو فضائي ويڙهه شروع ٿي پر زميني ۽ سامونڊي حدن ۾ به هڪ ٻئي خلاف تياريون ڪيون ويون. ٻنهي ملڪن ۾ ڪشيدگي جڏهن سنجيده نوعيت جي شدت اختيار ڪئي ته آمريڪا پاران پاڪستان جي آرمي چيف، پرڏيهي وزير سوڌو ڀارت سان رابطا ڪيا ويا. چين به ٻنهي ملڪن وچم مامرن جي پرامن حل جون ڪوششون ڪيون. سعودي ۽ ايران به اڳتي اچي ڪوششن ۾ شامل ٿيا پر اهو سڀني کي معلوم هيو ته ٻنهي ملڪن وچم پيدا ٿيل جنگ جي صورتحال ۾ ٿاپر لاءِ ثالثي آمريڪا، چين يا روس جي ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي. جڏهن 6 ۽ 7 مئي تي ڀارت اڳرائي ڪري ٻنهي ملڪن وچم جنگ جو طبل وڄايو ته مون 8 مئي واري ڏينهن روزاني پنهنجي اخبار ۾ 'ڀارت جي اڳرائي، عالمي برادري جي خاموشي جا گريٽ گيم جو حصو آهي' جي عنوان سان ڪالم لکيو هيو. اهو ڪالم ان ڪري لکيو هيو جو جڏهن روايتي مخالف ملڪ جنگ جي ميدان ۾ اچي پهچندا آهن تڏهن سياسي مفادن کان ويندي روايتي دشمني جي عنصرن کان وٺندي ڪاميابي ۽ ناڪامي جا عنصر به شامل ٿي ويندا آهن. اهڙي صورتحال جهيڙيندڙن کي هڪ ٻئي کي زير ڪرڻ جي دٻاءُ هيٺ آڻي بيهاريندي آهي، جنهن ۾ ٻنهي جهيڙيندڙ ملڪن پاران پاڻ هرتو ڳالهين ذريعي رستو ڪڍڻ جو امڪان بلڪل نه هجڻ برابر هوندو آهي. اهو پاڪستان ۽ ڀارت وچم پيدا ٿيل صورتحال مان به نظر اچي رهيو هيو پر ثالثي لاءِ آمريڪا سوڌو ڪو طاقتور ملڪ سامهون نه اچي رهيو هيو. منهنجي خيال ۾ آمريڪا پاران پاڪستان ۽ ڀارت وچم ثالثي لاءِ اڳتي اچڻ جو هڪ اهم سبب به شامل آهي اهو سبب اهو آهي ته ڀارت ۽ پاڪستان وچم شروع ٿيل ويڙهه بعد "جنگي هٿيار ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪن مان ڪنهن ملڪ جا جنگي هٿيار ۽ جنگي جهاز سازو سامان وڌيڪ موثر آهن" وارو چڙهي پيل بحث به آهي. اوهان اگر گوگل به سرچ ڪندو ته اوهان کي اها معلومات آسانيءَ سان ملي ويندي ته دنيا ۾ جنگي هٿيار ۽ سامان وڪرو ڪندڙ ملڪن ۾ آمريڪا سڀ کان وڌيڪ هٿيار وڪرو ڪندڙ ملڪ آهي. هڪ رپورٽ مطابق 2019 کان 2023 تائين دنيا ۾ مجموعي طور تي وڪرو ٿيندڙ جنگي هٿيار مان 41.7 سيڪڙو هٿيار آمريڪا وڪرو ڪيا. ان بعد فرانس 10.9 سيڪڙو، 10.5 سيڪڙو روس، 5.8 سيڪڙو چين ۽ 5.6 سيڪڙو جرمني هٿيار وڪرو ڪيا. جڏهن ته سال 2024 جي هڪ رپورٽ موجب انهي سال سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آمريڪا 42.33 ارب ڊالرن جا هٿيار وڪرو ڪيا. آمريڪا بعد ترتيب وار روس، فرانس، ڏکڻ ڪوريا، اٽلي سڀ کان وڌيڪ هٿيار وڪرو ڪندڙ ملڪ طور سامهون آندا ويا. ان رپورٽ ۾ دنيا ۾ وڪرو ٿيندڙ مجموعي جنگي هٿيارن ۾ چين کي ڏهين نمبر تي ڏيکاريو ويو آهي

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

دردمند دلين جي دانهن پڪار

جڏهن کان سنڌ حڪومت نوجوانن لاءِ نوڪري جي حد 28 سال مقرر ڪئي آهي، تڏهن کان هو مايوس آهن، ڇاڪاڻ ته پڙهندي هوا ناويهه سالن جي عمر کي پهچي ٿا وڃن ۽ پوءِ جيستائين نوڪرين جا اشتهار اخبارن ۾ لڳن، نوجوان انهن ادارن ۾ درخوستون جمع ڪرائين ۽ انٽرويو ۾ وڃن، تيستائين هنن جي عمر نوڪري واري مدت کان مٿي چڙهي وڃي ٿي، پوءِ وري انهن کان ننڍي عمر وارا نوجوان نوڪرين جي پروسيس ۾ هلندا آهن، تان جو اهي به نوڪرين جي آسري ۾ ويهي عمر گنوائي ٿا ڇڏين. غريب نوجوانن وٽ نه پئسو هوندو آهي ۽ نه ئي سفارش، جنهن ڪري هو اوس

***
مياڻ مير چانڊيو
***

بيروزگار ٿي رهجي وڃن ٿا، شادي ڪرڻ ،خوبصورت گهر ٻڌائڻ ۽ زندگي جي آسودگي جا سندن سمورا خواب اڌورا رهجي ويندا آهن، سياسي جادوگر اليڪشن جي موسم ۾ نوجوانن جي ذهن ۾ بهتر مستقبل جون اميدون پري ڪائيڻ زوردار نعرن سان اليڪشني ماحول گرمائيندا آهن، پر افسوس اليڪشن کٽڻ کان پوءِ چونڊيل نمائندا سندن سڃاڻو نه ٿيندا آهن، هو اسيمبلين ۾ پهچڻ کان پوءِ نوڪريون وڪڻڻ کان ويندي سندن هر حق تي ڌاڙو هڻندا رهندا آهن ، نوجوان بار بار ڪوشش باوجود جڏهن ناڪام ٿيندا آهن، ته هو مايوسين جي دنيا وڃي وسائيندا آهن. ياد آيو هڪ ڏينهن هڪ همراه، نوجوان کي اسماعيل راهو وٽ وٺي آيو، جنهن مهل اسان فاضل راهو ادبي ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ ويٺل هئاسين، همراه اسماعيل کي چيو، سائين هن کي نوڪري ڏيو. اسماعيل صاحب ڪنڌ ڌوڻيو، همراه رکي وري چيو سائين ڀلا ڀي نوڪري نٿي ملي ته هن کي انڊس اسپتال ۾ لڳايو. اسماعيل صاحب چيو آئون ڳالهائيندس. ان وقت بيروزگار جي اکين ۾ اميد جي لهر جاڳي پيئي، پوءِ هو ٻئي ڄڻا بنگلي مان ٻاهر هليا ويا. آسرو آهي ايجان، جيسين جوپن ڏينهن، ڪارونجهر تي مينهن، آهن ساٿڻ وسڻا! مون ڪيترن ئي چونڊيل نمائندن ۽ وڏيرن جي بنگلن تي بيروزگار نوجوانن جون بيٺل قطارون ڏٺيون هيون، جن نوڪرين لاءِ ڪين منٿون ٿي ڪيون. هڪ ڏينهن منهنجي دوست اشرف ڪاتيار فون ڪئي ته آئون اوهان سان ملڻ لاءِ اچان ٿو، هو اوطاق تي پاڻ سان گڏ خوبرو جوان به وٺي آيو. چيائين سجاد وٺي آيو آهيان، حاجي رسول بخش چانڊيو يا ٻئي ڪنهن وٽ هل نوڪري وٺي ڏي. مون چانهه مان ڍڪ ڀري اشرف ڏانهن ڏٺو ۽ شائستگي سان چيو اشرف جيڏانهن به چوندين هليو هلندس، ڀلي اهو جنگ جو ميدان ڇو نه هجي، باقي نوڪريون نه نوٽن تي آهن. وڏن ماڻهن وٽ "ها" جي ٻڪ ڪونهي، نوڪري قسمت ۾ هوندي ته ملي ويندي، حڪومتي ماڻهن مان اميد ڪونهي، اشرف ڳالهه سمجهي ويو، ڪچهري ڪري هليو ويو، ڪجه مهينن کان پوءِ هو ٻئي ڄڻا اجرڪون کڻي مون کي پارائڻ آيا، مون اجرڪن پارائڻ جو سبب پڇيو. ٻڌايائون ته توهان جيڪا وات ڏسي ٻهتر هئي، وڏيرن جي بنگلن تي وڃڻ بجاءِ سجاد محنت ڪئي ۽ ماسٽر ٿي ويو. وڏيرن جي پويان ڊوڙون ها ته وقت گذري وڃي ها، ٿئي ڪجه به ڪونه ها. سوچيان ٿو ته حالتون ساڳيون ٽڪيون رهن، ڪالهه ماڻهن کي سڏي نوڪريون ٿي ڏنائون، پر اڄ ماڻهو نوڪرين لاءِ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪي پيا آهن. نوڪري نٿي ملي، غريب نوجوانن کي چيو وڃي ٿو اوهان اهل نه آهيو. تاريخ ۾ ڏسجي ٿو ته ڪيترائي شهنشاهه ،جاهل ۽ اڻ پڙهيل به هئا. روشن اختر عرف ايم شاهه رنگيلو به بادشاهه هو جيڪو درٻار ۾ اڪثر زنانو لباس پائي ايندو هو. هو مغل سلطنت جو تيرهون بادشاهه هو. پاڻ 1702ع ۾ ڄائو ۽ 1748ع ۾ فوت ٿيو. اورنگزيب عالمگير سندس پڙ ڏاڏو هو. رنگيلي بادشاهه کي نادرشاهه معزول ڪري قيدي ڪيو. سندس دور حڪومت، عياشي توڙي لاپرواهي جو دور ليکيو وڃي ٿو. ميسور جو بادشاهه حيدر علي خان جيڪو 1752ع ۾ ميسور جي هندو راجا ڪرشنا راجا واديار جي فوج ۾ سپاهي ڀرتي ٿيو هو. ۽ 1775ع ۾ سلطنت ميسور جو سپه سالار بڻيو. حيدر علي خان 1761ع ۾ راجا جو تختو اونڌو ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. سندس حڪومت 1782ع تائين رهي، پاڻ اڻپڙهيل هو، ليڪن پنج ٻوليون ڄاڻندو هو. سرطان جي بيماري ۾ وفات ڪيائين. سندس قبر ڀارتي رياست ڪرناٽڪ جي ضلعي مانڊيا جي شهر سرنگاپٽم ۾ آهي، سلطان محمد غوري جو غلام، قطب الدين ايبڪ به غلامي مان ترقي ڪري بادشاهه ٿيو، ترڪ نسل جو هي گهراڻو ڏاڍو چالاڪ هو، هن گهراڻي 1206ع کان 1250ع تائين برصغير تي حڪومت ڪئي، چالاڪ ماڻهو ڪيئن ته ڪلتيون ڪائي اڳيان نڪري ٿا وڃن، جڏهن ته سادا ماڻهو سندن دردن جا داستان زندگي ۾ ايئن ڇڏي وڃن ٿا، جيئن مانڊو جي محلاتن ۾ راڻي روپمتي ۽ باز بهادر جي عشق جا داستان هر در ۽ ديوار تي اڪريل آهن. روپمتي مالوا جي حسين شهزادي هئي ۽ باز بهادر مالوا جو راجا هو، جڏهن اڪبر بادشاهه مندو کي فتح ڪرڻ لاءِ ادهم خان کي روانو ڪيو ته ان جنگ ۾ باز بهادر کي شڪست آئي، هو مدد وٺڻ لاءِ چتور ڳڙهه ڀڄي ويو ۽ روپمتي گرفتاري جي خوف کان زهر کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، ونڌيا جبل جي قطارن وچ ۾ مالوا خطي جو ٻه هزار فوٽ اوچائي وارو قلعو مانڊو تيرهين صدي جي پڇاڙي تائين پرمار گهراڻي جي راجپوت حڪمران جي هٿ هيٺ رهيو، انهن کان پوءِ مانڊو جي محلات تي افغاني سلطانن ايٿن اچي قبضو ڪيو، جيئن حڪومتي ميمبرن جا خاص ماڻهو سرڪاري نوڪرين تي قبضو ڪندا آهن. وجوديت جي فلسفي موجب انسان کي ڄمڻ کان مرڻ تائين ڪجه شرطن تي زندگي گذارڻ جي آزادي هوندي آهي، پر اسان وٽ هر غريب ماڻهو آزاد هوندي به جڪڙ قيد ۾ آهي، هتي ته انهن سان اهڙو ويڌن ڪيو وڃي ٿو، جهڙو ويڌن غلام قادر روحيلو شهنشاهه هند، شاهه عالم سان ڪيو هو. احمد شاهه ابدالي سردار نجيب الدوله کي دهلي جي بادشاهه جو وزير اعظم مقرر ڪيو

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

سنڌ جو صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل

***
عبدالجواد عباسي
***

سنڌ هميشه کان امن واري ڌرتي رهي آهي هن ڌرتي تي ڪيترائي صوفي بزرگ اولياءِ شاعر اديب ۽ محقق پيدا ٿيا آهن سنڌ جو تاريخي شهر روهڙي ۾ اوليائن بزرگن ۽ درويشن جي ڪري روحاني حيثيت رکي ٿو هتي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو وار مبارڪ ۽ آهي ۽ سوالڪ درويشن صوفين فقيرن ۽ عاشقن جون مزارون آهن انهن صوفين درويشن اوليائن ۽ شاعرن ۾ فقير قادر بخش بيدل جي ولادت ۽ روهڙي شريف ۾ ٿي فقير قادر بخش بيدل جو اصل نالو عبدالقادر هو مگر پيران پير دستگير عبدالقادر جيلاني جي احترام سبب قادر بخش سڏائڻ لڳو بيدل سائين جي والد جو نالو ميان محمد محسن هو اول ۽ هڪ درويش صفت انسان هو جيڪو قادري طريقي ۾ جهوڪ شريف جي بزرگن جو دست بعيت هو بيدل فقير جو شجره نسب حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا سان وڃي ملي ٿو سڀ کان پهريان سندن ڏاڏو حضرت عبدالقادر قريشي ملتان مان هميشه لاءِ لڏي اچي روهڙي ۾ سڪونت پذير ٿيا دراصل اها لڏ پلاڻ روهڙي جي هڪ ٻئي بزرگ صوفي جان الله شاهه جيڪو عنايت شهيد جو خليفو هو اول متقي انسان هو جنهن لاءِ اهو مشهور آهي ته هو قرآن شريف هٿ سان لکي گذارڻ ڪندو هو بيدل فقير 1230هه مطابق 1418هه ۾ بيدل ٿيو ۽ جمندي ئي جام هو ساڻٽن ڪيس مڪتب ۾ ويهاريو مگر پاڻ الف کان اڳتي نه پڙهيو جيتوڻيڪ بيدل فقير ظاهري طور تعليم حاصل نه ڪئي پر باطني ۾ وڏو عالم علم حديث قرآن شريف ۽ شريعت جو ڄاڻو هو جنهنجو ثبوت سندس ڪلام مان جا بجاءِ ملي ٿو بيدل بنيادي طور عشق ۽ محبت جو شاعر آهي بيدل فقير کي سلاڻ ۾ صرف هڪ پٽ هو جيڪو وقت وڏو شاعر ٿي گذريو آهي جنهنجو نالو محمد محسن بيڪس آهي. بيدل سائين کي درويشي جي ذات حضرت لعل شهباز قلندر ڪان مليس پير صبغت الله شاهه پير پاڳارو اول ۽ مخدوم محمد اسماعيل کان به حاصل ڪيائين بيدل سائين جي والد صاحب فقير محمد محسن تي سندس مرشد جو هين کان وڌيڪ ناجر جو هٿ هيس هڪ پيرو مرشد جي حضور ۾ عرض ڪيائين قبلا سائين حضور جي باطني ازحد گهڻي آهي پر ظاهري به ڪٿي ته احسان ٿيندو اولاد جو سڪايل آهيان. مرشد جي زبان مان نڪتو ته انشاءالله تو کي اهڙو پٽ ڄمندو جو شريعت، طريقت، معرفت جو حقيقت جو صاحب هوندو پر هڪ پير ڪان معزور هوندو. مرشد سائين ۽ فقير محمد محسن جي گهر ۾ هڪ پٽ ڄائو پر پير مڙيل هيس. پٽ جي اولاد وقت فقير محمد محسن ميرجان الله شاهه صاحب جن جي ڪچهري ۾ ويٺا هئا ته دائي واڌائي ڏني ۽ چيو ته چوڪر گهٽوئي سهرو آهي، مگر هڪ پير کان منڊو آهي. جنهن تي مير صاحب فرمايو ته ابا منڊو نه چئو اهو روهڙي شهر جو جهنڊو آهي ۽ بروقت سندس نالو عبدالقادر رکيو ويو. مگر پيران پير جي ادب وچان ڪيس قادر بخش سڏيو فقير بيدل پاڻ کي پڇاڙي تائين ٻنهي نالن سان سڏائيندو رهيو بيدل سائين درويش جي گهر ۾ درويشن جي دعا سان ڄائو تنهن ڪري الله وارن جي نظر جو اثر عڪس رهيو تنهن ڪري ننڍي کان ئي رنگ ۾ رتل رهيو سندس ننڍي هوندي جي هلت چلت عام ٻارن مگر وڏي عمر وارن ماڻهن کان ئي اڳرو ۾ وڃهندڙ هئي پاڻ اڻين ئي پاڻ ٿيو هو ڏهي ڪامل درويش ۽ خدا وارو انسان ٿيندو قاضي غلام مهدي والد پير محمد چوند رهيو ته بيدل فقير تمام هوشيار ۽ سندس حافظو تمام تيز هوندو هيو. هڪ دفعي عربي صرف جا ڪتاب هيٺ مٿي ٿي ويسي سو فقير بيدل حافظي مان سڄو ڪتاب لکيس مولوي عبدالرحمن سکر واري ان وقت عالمن مان هو تنهن تعزيبي واري تي اعتراض ورتو جنهن تي فقير صاحب انجي جواز ۾ ڪتابي سندون لکي موڪليون تنهن کان سواءِ فقير بيدل جي پنهنجي هٿ اکرين سندون ديوان اڄ ۾ گهمرڙ (مديحي جي رهندڙ) وارن وٽ موجود آهي قدرت فقير صاحب کي هڪ اثر پذير ۽ صاف دل ڏني هئي سالن جي محبت منجهس عشق جا مچ مچائي ڇڏيا هئا، محترم جهامنداس پالا پنهنجي سوانح عمري بيدل ۾ لکيو آهي ته فقير بيدل سيوهڻ ۾ روحاني فيض حاصل ڪيو ۽ شعر چوڻ شروع ڪيا، سندس پهريون شعر مسند جي صورت ۾ قلندر شهباز جي تعريف ۾ آهي دلامست درون هول روز محشر پکولي دامن ابن ڪا رهبر ميرا مرشد مڪمل هي قلندر حسيني حيدر سلطان سرور فقير بيدل سائين ارشاد موجب پير ڳوٺ اچي مسجد ۾ مسافر ٿيو پر لعل ڪولڪڻ جو آهي جلد ئي پير صبغت الله شاهه اول تجر ڏٺي ڪي سندس فضل وڪمال جي خبر پهتي جنهن ڪيس پنهنجي صاحبزادي کي مولانا رومي مثنوي پڙهائڻ لاءِ چيو جيسين اتي هو تيسائين تدريسي جو ڪم ڪري ڪندو رهيو ڪجه وقت ڪانپوءِ درگاهه تي وڃي انهي ٿوري وقت جي تعليم صاحبزادي تي ايترو اثر ڪيو جو وڏي هوندي وڏي پائي جو صوفي شاعر ٿي پيو سندس تخلص اصغر آهي فقير صاحب پير ڳوٺ مان موڪلائي روحاني منزلون طئي ڪندو واپس اچي پريالو پهتو ۽ درگاهه تي پهتو جتي ڪيس حڪم ٿيو ته روزه ۽ نماز ڇڏ ۽ روهڙي وڃي جتي اچي مجار ڪرو دڪان کولي ويهو ۽ نماز ۽ روزه لاءِ ماڻهن کي تلقين ڪندو رهيو پنهنجي سربراهڙو متقي ۽ پرهيزگار رهو جو گهر ڪان مسجد تائين ۽ مسجد ڪان گهر تائين وڃهند ڪري ايندو رهيو ڪهڙي ڏينهن فقير صاحب دستور موجب صبح جي نماز ۽ تعقيبات کان پوءِ جيئن مسجد کان وڃهند هئي نڪتو ته اهڙي هوا گهلي جو منهن ڏانهن پلانڊ ڪجي ويو ۽ سندس نظرون وڃي سامهون بيٺل تينگر ڪرمچند تي پئي السني آئيني وارو اولڙو ديدوي دلبر جي دري مان اکين تي اهڙو پيو جو تجلي کان اکيون چمڪاٽ ۾ ماڻڪ ماڻڪي ۾ آيون آک ٻوٽ ۾ عجب جو عڪس چپجي ويو دما ۽ دواڻون ۽ دليل ڇڏي ڏنيون هوش خطا ٿي ويو وات سڪي ويو چپ خشڪ ٿي ويا هٿ ڪويا شل پاڻ تجيا پاڻ دل وڃائي بيدل ٿي پئي هاڻي اهو بت بڻجي سامهون دڪان تي ويهي رهيو بالا آخر الله وارو جي محبت سان خاص طرح صوفي صديق جي محبت سان بيدل فقير خير سلامتي سان ها فنائي اعمشوق واري ڪٺن منزل جهاڳي آن ڪان علاوه مجازي مرحلن ۾ فقير غلام محمد ۽ قاضي پير محمد جا نالا قابل بيان آهن جنهن جو مڪمل ذڪر ديوان بيدل ڪتاب ۾ موجود آهي، حسن ۽ حسين چيز فطرتي ۽ خود نمائي جي خاصيت آهي ذات الله سائين سونهن جو گنجهو خزانو آهي، دنيا صرف انهي لاءِ خليقائين ته سندس تعريف ٿي بقول فقير بيدل مخفي هو محبوب بيرنگي نينهن ڪيو نروار گويا ايئن ڪٿي چئجي ته انسان حسن جي تعريف لاءِ خليقو آهي ڏم الله عشق ڪيتي مين وڃائي وي ڏم الله تيئنهن دي مين وڃائي وي آدم ڪل آهي حلبلي جاءِ ڪعبو اهو آه ڪوه ۽ پڇي پوئان سنڌ صوفي شاعر وٽ عشق جو معيار ايترو بلند آهي جوان ۾ خود غرضي ۽ نفس پرستي جو ٻيس ۽ پاڪ انويشن آهي اهڙي پاڪ ۽ خالص دل هئي فقير بيدل سائين جي معرفت کي پهچڻ لاءِ بنيادي ڏاڪي شريعت جي حڪمت مان حڪم شادي جو به آهي. فقير بيدل سائين ٻه شاديون ڪيون. پهرين شادي مان فقط هڪ نياڻي ۽ ٻي شادي مان پٽ ڄائو محترم جهامنداس پالي پنهنجي قلمي ڪتاب سوانح عمري بيدل ۾ لکيو آهي ته فقير بيدل سائين کي ٽي پٽ هئا، هڪ فريد بخش ٻيون محمد محسن ڪيون امام بخش هو فريد بخش ڄمڻ سان ڪرامت ڏيکاري، تنهن ڪري ڪيس رخصتي ملي امام بخش ڇهن پنجن سالن ڪانپوءِ گذاري ويو ۽ فقير محمد محسن بيڪس فقير بيدل سائين جي ڇهن سالن ڪانپوءِ جاسون مديس فقير غلام محمد جي وفات ڪانپوءِ وقت گذاريندو رهيو تان جو وقت آيو جڏهن سندس آخري منظور نظر قاضي پير محمد جو سندس روح جي راحت جي جو جهيايو ۽ هميشه لاءِ الوداع چئي هي جهان ڇڏي ويو بيدل سائين جي دل هي صدمو تمام نهايت خراب گذريو زندگي وبال ٿي پيس فراق جي حالت ۾ هي چئي اٿس ها ڪي نئين يار نکوڻو خيال اسان جو قاضي پير محمد جي وفات ڪانپوءِ بيدل سائين بيمار گذارڻ لڳو جيئن پوءِ ٿيئن ويو ضعيف ٿيندو ويو ۽ هڪ دفعي عبدالله آخوند ڪائنس پڇيو ته سائين دنيا فاني آهي قضا ٿي ڏاڍهان ڪي ڪائي رکون فرمايائون ته ابا جيسين بندي ڪي ساهه آهي تيسين قاضي صاحب جي دروازي تان ڪيئن ويندو ۽ سندس ڪکن ۾ دم ڏيندو پوءِ اوهان جو اختيار آهي انهي بيماري جي زماني فقير صاحب هڪ ڪافي چئي، جنهنجو مطلب آهي ته ٿنون نياپو آيو ماروئڙن جي موڙ ڏي جو پاند ونهيو آهي سونهن پچي ۽ هر هڪ کي موت جو مزو چکڻو آهي اهو وقت اچي ويجهو ٿيو جو فقير صاحب چوڻ لڳو ته اي قاضي جي بچن جو دلفڪر آهيان جيسين سندس گهران موڪل نه ملندي تيستائين منهن نه متائيندس چون ٿا ته ٻه دفعا انڪار ٿيو ۽ ٽئين دفعي آخر اجازت ملي ۽ فقير بٽي حقيقي گهر لاءِ سانباهو ڪيو ۽ فرمايو ته اسان جي رات تياري آهي رات جو ٻارن ٻجهڙ ڪان موڪلائي سمهيو ته ڪجه وقت ڪان پوءِ ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ادب ڪندڙ نمائي بيٺو ٿوري دير ويهي وري سمهيو سلمان فقير عرض ڪيو ته قبلا ڪهڙو اسرار هو فرمايون دابا قلندر شهباز وٺڻ آيا هئا، هنيئر الله توهان چادر تاڻي جو سڪون ته روح پرواز ڪري ويس اهڙي طرح هن ولايت ۽ ڪرامت جي صاحب پنهنجو آستانو 16 ذوالقعد 1289هه ۾ هن فاني دنيا مان ڪئي دارالبقا ۾ ڏاهيو بروقت تي عبدالله آخوند کي اطلاع مليو ته جنهن غسل ۽ ڪفن جي تياري ڪئي جنازي سان ڪندو خواهه مسلمان گهڻي تعداد ۾ ساڻ هئا، سندس خاڪي جسم کي روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اولهه ۾ جيڪو اڄ ڪلهه خانگاهه جي نالي سان مشهور آهي سپرخاڪ ڪيو ويو جتي هر جمعي تي ۽ چنڊ جي ايڪويهين رات صوفي سماع ٿيندو آهي ۽ هر سال جي 14-15 ۽ 16 ذوالقعد تي ميلو لڳندو آهي جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين عقيدت مند ايندا آهن ۽ فقير بيدل کي خراج تحسين پيش ڪندا آهن. سندس وفات جي تاريخ سندس پٽ فقير محمد محسن بيڪس هن ريت چئي آهي

رمز رندي جو عجائب روهڙي ۾ راض هو
نالي بيدل بادشاهه بيشڪ اتي شهباز هو
موج مستي ۾ سدا سلطان سرفراز هو
حلاج جي حالت ۾ هر دم من ممتاز هو
پير مغان جي پٽ هڪ حقيقت مجاز هو همه اوست واري حال ۾ محمود سوا اياز هو

نوٽ: ليکڪ جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

بقايا 01

جي وچ ۾ پاڪ ڀارت تاريخ جو وڏو مقابلو ٿيو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تي ٻڌل انهي فضائي جنگ جي دوران پاڪ فضائيه جي شاهينن 5 ڀارتي جهاز ڪيرايا. تباهه ڪيل ڀارتي جهازن ۾ 3 جديد رافيل جهاز 1 مگ 29 ۽ هڪ ايس يو 30 شامل هئا. ڀارت روايتي هٺ ڌرمي ۽ ڪوڙ جو سهارو وٺندي جهاز ڪيرائڻ جي خبر کان انڪار ڪيو ڪجهه ڀارتي ميڊيا چينلز جهاز ڪرڻ وارين خبرن جي تصديق ڪئي جيڪا بعد ۾ مودي سرڪار هٽرائي ڇڏي. ڊي جي آءِ ايس پي آر ۽ سينئر ايئرفورس آفيسر گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ڀارتي رافيل جهاز ڪيرائڻ جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت پيش ڪيا، ثبوتن ۾ ڀارتي جهازن جا نمبرز ۽ تباهه ٿيڻ جي لوڪيشن به ڏيکاري وئي ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته ڀارت موجب اسان جو ڪوبه جهاز تباهه ناهي ڪريو

بقايا 02

تائين پهچڻ لاءِ ٻنهي ملڪن سان گڏجي ڪم ڪنداسين جنگبندي تي ٻنهي ملڪن جي تعريف ڪندي آمريڪي صدر چيو ته ڀارت ۽ پاڪستان جي مضبوط قيادت تي تمام گهڻو فخر محسوس ڪيان ٿو ٻنهي ملڪن جي قيادت دانشمندي جو مظاهرو ڪيو مون کي فخر آهي ته آمريڪا توهان کي ان تاريخي ۽ شاندار فيصلي تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪري سگهيو ٽرمپ پاڪستان ۽ ڀارت سان واپاري لاڳاپا وڌائڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته ٻنهي عظيم قومن سان واپار کي هٿي ڏيندس. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ڪشمير مسئلي جي حل ۾ مدد جي آڇ جي آجيان ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ شهباز شريف چيو ته آمريڪي صدر جي قيادت ۽ عالمي امن لاءِ سندس عزم تي تمام گهڻو ٿورائتو آهيان ۽ صدر ٽرمپ جي آڇ کي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ اهم سمجهان ٿو هن چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا امن ۽ سلامتي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا رهيا آهن. صدر ٽرمپ جي قيادت ۾ پاڪستان کي هڪ مضبوط پائيدار مليو آهي

بقايا 03

خان ٽيسوري خاص مهمان طور دفاع پاڪستان جي عنوان سان منعقد ٿيل عظيم الشان محفل ٻارهين شريف ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ ريلوي واري وزير حنيف عباسي، پير محمد نقيب الرحمان، پير محمد حسيب الرحمان پڻ شرڪت ڪئي سنڌ جي گورنر پاڪ فوج کي پاڪ-ڀارت جنگ ۾ فتح تي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو جڏهن ته سنڌ جي گورنر پاڪستان آرمي جنرل حافظ سيد عاصم منير کي فاتح جنرل قرار ڏنو سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان فوج ثابت ڪيو آهي ته اها دنيا جي بهترين فوج آهي

بقايا 04

۽ ڀارت وچ ۾ ٿيندڙ جنگبندي جي آجيان ڪري ڇڏي آهي اداڪار فيصل قريشي چيو آهي ته تمام گهڻيون حياتيون ضايع ٿي وڃن، پاڪستان ۾ ته معصوم ٻار به جنگ دوران فوت ٿيا، انهي لاءِ هر پيري پاڪستاني قوم اهو ئي چئي رهي هئي ته جنگ نه ٿيڻ گهرجي. چيو ته جنگ جو تمام گهڻو نقصان ٿيندو آهي. اداڪاره ۽ ميزبان شائسته لوڌي چيو آهي ته پاڪستان هميشه امن ڳالهيون ۽ گڏيل ڳالهين جي جنگبندي جي آجيان ڪئي، هاڻ خوشي جو ڏينهن ۽ اميد جو لمحو آهي اداڪاره ماهره خان سميت ٻين اداڪارن چيو ته مشڪل حالتون هجن ته اندازو ٿي ويندو آهي فوج ڪيتري ضروري آهي جڏهن ته بشريٰ انصاري چيو ته سرحد جي ٻنهي طرفن کان ماڻهو پريشان هئا، ان سان گڏ ئي بشريٰ انصاري جيو ۽ جيئڻ ڏيو جو نعرو به لڳايو انهي کان علاوه پاڪستاني گلوڪاره نتاشه بيگ پنهنجي خوشي جو اظهار ڪيو

بقايا 05

چين جي پرڏيهي وزير چيو ته چين پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختاري جي حمايت جاري رکندو. چيني پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ ڀارت سان دير تائين جنگبندي جي لاءِ مشاورت ۽ سفارتي حل تي زور ڏنو ٻئي طرف چيني پرڏيهي وزير جون ڀارتي قومي سلامتي جي صلاحڪار اجيت دوول سان به ڳالهيون ٿيون

بقايا 06

ڪندي چيو آهي ته رب پاڪ جي شڪر گذار آهيان ته دشمن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو اڄ جو ڏينهن صرف شڪرگذاري جو نه پر غيرت، جرئت ۽ قومي وحدت جي فتح جو ڏينهن آهي هن چيو ته پاڪ فوج بهادر، پروفيشنل ۽ باصلاحيت ادارو آهي. پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو جواب صرف گولي سان نه حڪمت عملي سان ڏنو شاهينن دشمن جا جهاز ڪيرائي دنيا کي پيغام ڏنو ته پاڪستان جو دفاع نه وسارڻ جوڳو آهي دنيا ڏسي ورتو ته پاڪستان پنهنجي دفاع ۾ هڪ قدم پوئتي نه هٽندو هن چيو ته اهڙن جوانن کي سليوٽ جنهن دشمن جي اکين ۾ اکيون وجهي

بقايا 07

سخت رد عمل جو اظهار ڪيو آهي پاڪستان خلاف سخت زبان استعمال ڪرڻ لاءِ مشهور ڀارتي اينڪر ارنب گوسوامي ٽرمپ جي اعلان کان پوءِ پنهنجي پروگرام ۾ چيو ته آمريڪي صدر پنهنجي حد کان اڳتي نڪري ويو آهي. سندس چوڻ هو ته جڏهن ڀارت آمريڪي ثالثي قبول ئي نه ڪئي هئي ته پوءِ ٽرمپ ڪهڙي بنياد تي جنگبندي جو اعلان ڪري ڇڏيو. هن چيو ته آمريڪي صدر کي زميني حقيقتن جو شعور ئي نه آهي ڪجهه ڏينهن اڳ تائين ته هو چئي رهيو هو ته ان جو هن تڪرار سان ڪو واسطو ئي ناهي هن وڌيڪ چيو ته مون کي آمريڪي صدر جي طرفان جنگبندي جي اعلان تي سخت اعتراض آهي. اسان جو چينل ٽرمپ جي بيان کي نشر نه ڪندو پر صرف اهو بيان هلائيندو جيڪو ڀارتي حڪومت طرفان جاري ڪيو ويندو

بقايا 08

ڇنڇر جي صبح سوير هڪ فيصلو ڪندڙ آپريشن شروع ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هندستان جو جديد ترين دفاعي نظام تباهه ٿي ويو هن حڪمت عملي جي پويان غير معمولي منصوبابندي ۽ قيادت ۽ فوج جي ايمان جي جذبي جو ميلاپ هو جيڪو آرمي چيف جنرل عاصم منير هن اعليٰ سطحي اجلاس جي آخر ۾ هڪ ڊگهي دعا سان شروع ڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته جمعي جي رات وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ هندستان خلاف جوابي آپريشن جي منظوري ڏني وئي جنهن نه رڳو هندستان جي دفاعي لائينن کي هلائيو پر ان جي غرور ۽ ضد ۽ پاڪستان سان ڳالهين نه ڪرڻ جي ان جي اصرار کي به ٽوڙي ڇڏيو

بقايا 09

غيرت مند پاڪستانين کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو اسان دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته پاڪستاني قوم خوددار آهي جيڪڏهن ڪو به اسان جي خودمختياري کي للڪاريندو ته اسان پنهنجو دفاع ڪندي رڳ رڳ جي پٽ ٻڌجي دشمن تي غالب ايندا آهيون وزيراعظم چيو ته ڀارت کلي جارحيت جو مظاهرو ڪيو ته ڏينهن ۾ دشمن جيڪا ڪارروائي ڪئي اها کلي جارحيت هئي اسان جي فوج پيشيوراڻي انداز ۾ جواب ڏئي عسڪري تاريخ جو هڪ سنهري باب لکيو ڀارت بي سبب اسان تي جنگ مڙهي، اسان بنا دير غيرجانبدار جاچ جي آڇ ڪئي، اسان بار بار برداشت جو مظاهرو ڪيو پر جڏهن گهمنڊي دشمن اسان جي سرحدن جي پچڪڙي جي ناڪام ڪوشش ڪئي ته اسان اهو فيصلو ڪيو ته دشمن کي ان جي ئي زبان ۾ جواب ڏنو وڃي

بقايا 10

ڇڏيو آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجه آصف چيو ته هندستان سوچيو ته شايد پاڪستان کي رڳو ڌمڪي پنهنجي شرطن تي آڻيندو پر هندستان جي طاقت جي غرور کي مٽي ۾ ملايو ويو آهي هن اهو به چيو ته هندستان جي ساک تي سوال اٿاريا ويا آهن اسان جنگ جي رفتار کي وڌائي سگهون ٿا، پر اسان جنگ تي بريڪ لڳائڻ جو آپشن پيش ڪيو جيڪڏهن ڳالهيون جاري رهيون ته ان مان نڪرڻ جا طريقا نڪرندا دفاع واري وزير وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۽ هندستان جي ڳالهين ۾ سنڌو پاڻي معاهدو ڪشمير ۽ دهشتگردي جي مسئلي تي غور ڪيو ويندو

بقايا 11

سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته قوم سياسي ۽ ذاتي مفادن کان اڳتي وڌي ڪري ڀارت کي جواب ڏنو آهي هن چيو ته سڄي دنيا پاڪستان جي ڀارت کي جواب ڏسي چڪي آهي ۽ مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي جارحيت جو به اهڙوئي سخت جواب ملندو پي ٽي آءِ چيئرمين وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڀارت سان جنگ بندي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ پي ٽي آءِ سان به سياسي جنگ بندي ٿيڻ گهرجي

بقايا 12

ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان شاهد آفريدي چيو آهي ته ڀارتي ميڊيا 50 سيڪڙو پالي ووڊ ۽ 50 سيڪڙو ڪارٽون نيٽ ورڪ آهي. نريندر مودي جي جنگي جنون ڀارت کي بند گهٽي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي ۽ هاڻ ڀارت کي اندازو ٿي ويو آهي ته پاڪستان سان وڙهڻ مهانگو پئجي ويو. آپريشن "بنيان مرصوص" جي ڪاميابي تي ڪراچي ۾ ريلي کي خطاب ڪندي شاهد آفريدي چيو ته اسان اڄ امن لاءِ ٻاهر نڪتا آهيون، مان پاڪستاني فوج کي سلام پيش ڪريان ٿو پاڪستان جو هر ٻار پاڪ فوج سان گڏ آهي، مان پنهنجي خاندان ۽ دوستن جي طرفان پاڪ فوج کي مبارڪون ڏيان ٿو هن چيو ڀارت کي هاڻ خبر پئجي وئي آهي ته پاڪستان سان وڙهڻ سستو نه آهي

بقايا 13

ڀاران رافيل جهاز ڪيرايو ويو آهي، هن چيو ته "اسين جنگ جي حالت ۾ آهيون ۽ جنگ ۾ نقصان ٿيندو آهي" نئين دهلي ۾ ڀارتي ڊي جي ايم او ليفٽيننٽ جنرل راجيو گهائي ايئر مارشل اي ڪي ڀارتي ۽ وائيس ايڊمرل اي ايس پرامود هڪ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي جڏهن صحافي ايئر مارشل اوديش ڪمار (اي ڪي) ڀارتي کان پڇيو ته ڇا هوائن بابت انگ اکر ڏئي سگهن ٿا ته ڀارت ڪيترا اڏائا وڃايا آهن ۽ ان بابت به ته بين الاقوامي ميڊيا ۾ رافيل جهازن جي ڪري پوڻ جون خبرون هلي رهيون آهن ان سوال جي جواب ۾ ايئر مارشل اي ڪي ڀارتي چيو ته ڀارت هن وقت جنگ جي حالت ۾ آهي ۽ جنگ ۾ نقصان ٿيندو آهي هن صحافي کي چيو ته ڪيس اهو پڇڻ گهرجي

بقايا 14

ذريعي مسئلو حل ڪنداسين پاڪستان جي جوابي حملن کان پوءِ سيز فائر جي لاءِ تيار ٿيو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته روايتي جنگ بابت پاڪستان جي ٻاري ۾ جيڪو چيو ويندو هو ته پاڪستان ڀارت کان نٿو کٽي سگهي، پر پاڪ فوج ۽ ايئر فورس جي ڪامياب ڪارروائي کان پوءِ صرف ڀارتي نه پوري دنيا تي ظاهر ٿي ويو آهي ته پاڪستان پنهنجو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪنهن به ٽئين ڳالهين يا معاهدي جي لاءِ ضروري آهي

بقايا 15

بضد بڻيل آهن سنڌ جي ڪئنالن کي 61 هزار 700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو آهي، ميڊيا کي مليل دستاويزي ثبوتن ۽ مختلف ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ اڄ کان وڌي 47 سيڪڙو تي پهچي ويئي آهي، مئي جي ٻئي ٽين ڏيليز ۾ سنڌ جي بئراجن جي ايلوڪيشن 61 هزار 700 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته سنڌ جي ٽنهي ڪوٽڙي، سکر ۽ گڊو بئراجن جي ڪئنالن کي ايلوڪيشن جي ابتڙ فقط 32 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪيو ويو آهي جنهن ڪري سنڌ تاريخ جي بدترين پاڻي کوٽ کي منهن ڏيئي رهي آهي، ٻي پاسي پنجاب جي 1991ع واري پاڻي ڏاڻ مطابق ايلوڪيشن 93 هزار 700 ڪيوسڪ ٿئي ٿي

بقايا 16

سان اسان جي هوا ۽ زمين کي تباهه ڪري رهيا آهن ماحولياتي گدلاڻ زهريلو دونهون ڇڏيندڙ گاڏيون ۽ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون اسان جو ٽئون مورچو آهي ماحوليات کاتي واري سيڪريٽري آغا شاهنواز خان موسمياتي تبديلي ۽ سامونڊي ڪناري جي ترقي جو واضح اعلان ڪيو آهي ته جيئن پوري قوم ڀارت جي خلاف حب الوطني جي جذبي تحت يڪجهتي ڏيکاري، تيئن ئي ماحولياتي دشمن پلاسٽڪ جي ٿيلهين گاڏين جي دونهين ۽ نالن ۾ اڇلايل ڪچري جي خلاف به اتحاد ۽ جذباتي ردعمل ڏيکاريو وڃي سنڌ ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين جي بندش تي صرف اعلان نه پر عملي قدم کنيا پيا وڃن هاڻي ڪا به نرمي نه ڪئي ويندي 15 جون کان پوءِ وڏن بازارن ۽ سپلائي پوائنٽس تي سخت ڪارروائي شروع ٿيندي آل ڪراچي پلاسٽڪ بيگ مينوفيڪچررز اينڊ ڊيلرز ايسوسيئيشن سان ٿيل ميٽنگ ۾ واضح لفظن ۾ صنعتڪارن کي خبردار ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن اهي ماحول دوست متبادل ڏانهن نه آيا ته قانون حرڪت ۾ ايندو پلاسٽڪ جون ٿيلهيون زمين کي گدلاڻ نالن کي بند، سامونڊي مخلوق کي قتل ۽ هوا ۾ گدلاڻ ڪري رهيون آهن پلاسٽڪ جون ٿيلهيون سالن تائين زمين ۾ نه ڳرنديون آهن. ناليون بند ڪنديون آهن اربن فلڊنگ جو وڏو سبب بڻجي رهيون آهن سامونڊي حيات جنهن ۾ ڪميون پکي ۽ مڇيون شامل آهن پلاسٽڪ ڳڙڪڻ سبب فوت ٿي رهيون آهن سنڌ جو ساحلي علائقو ماحولياتي تباهي جي ڪناري تي بيٺو آهي سنڌ جي زرخيز زمين هاڻي پلاسٽڪ کان بيزار آهي جيڪڏهن هن زهر کي نه روڪيو ويو ته اسان جون ايندڙ نسلون ساهه کڻڻ لاءِ ترسنديون سيڪريٽري ماحوليات جو وڌيڪ چوڻ هو ته صوبي ۾ 29 مئي تائين وهيڪيولر ايمشن ڪريڪ ڊائون مهم جاري آهي جنهن تحت مختلف هنڌن تي زهريلو دونهون ڇڏيندڙ گاڏين جا چالان ڪيا پيا وڃن هن مهم جو مقصد شهرين کي آگاهي ۽ صاف هوا جي فراهمي آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته هر پاڪستاني سنڌ جو هر ماڻهو پنهنجي اندر جو سپاهي جاڳائي ۽ ماحولياتي دشمنن جي خلاف پهرين صف ۾ بيهي ڇو ته هي جنگ صرف اڄ جي نه ايندڙ نسلن جي بقا جي جنگ آهي ۽ اسان هي جنگ کٽي ڏيکاريندا سين ماحولياتي تحفظ اڄ جي پاڪستان جو قومي فرض آهي ڇو ته هي جنگ به وطن جي دفاع جيتري اهم آهي

بقايا 17

جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه اڳوڻي تعلقه ناظم سيد غلام علي شاهه ۽ سيد محمود شاهه جي ڀيڻ رضاءِ الاهي سان وفات ڪري وئي جنهن کي سيدن جي آبائي قبرستان محرابپور ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم جو ٽڏو سيد هائوس محرابپور ۾ وڇايو ويو آهي ان کان اڳ مرحوم جي جنازي نماز ۾ علائقي جي معتبر شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ اڳوڻي قومي اسمبلي اسپيڪر اياز صادق خان محمد ڏاهري ايم پي اي غلام قادر چانڊيو آصف ڀٽو زرداري سيد فصيح شاهه چوڙري جاويد آرائين، ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جو فرزند سيد مجيب مرتضيٰ شاهه. رئيس نور احمد لاکو عبداللطيف ملاح رئيس امتياز حسين راهو سردار شهزاد لاکو، شوڪت حسين ڪيڙو ،عطا محمد سيال رئيس غلام رسول مگسي ، تاج محمد مگسي ، نثار احمد ڪيڙو، حاجي علي نواز چانڊيو، چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين سيد عذير اختر شاهه، سيد احسان شاهه ، ، رئيس وحيد راهو غلام مرتضيٰ مگسي ، ڊاڪٽر اي ڊي ڪيريو، قربان ڪيريو سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون ٻئي طرف سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر مير محمد ڪيريو محمد صديق منگيو قاضي جاويد سنائي رضا محمد سيال ولي محمد پکي عبدالله مگسي خليل راجپوت غلام حيدر سولنگي عبدالرحيم جمالي راج ڪمار اوڊ ۽ ٻين تعزيت جو اظهار ڪيو

بقايا 18

درگاهه وار مبارڪ جا تالا ٽوڙي نامعلوم چور 5 لکن کان وڌيڪ سامان چوري ڪري فرار اطلاع ملندي سوين شهري سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ درگاهه وار مبارڪ تي پهچي ويا پوليس انتظاميا خلاف سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو اطلاع تي ايس ايس پي سکر اظهر مغل ، ڊي ايس پي روهڙي مشتاق شاهه ۽ ايس ايڇ او روهڙي درگاهه تي پهچي تفصيل ورتا انموقعي تي درگاهه سنڀاليندڙ روهڙي جي مخدوم خاندان جي فردن ڳالهائيندي چيو ته ڪيترائي ڀيرا حضور اڪرم صه وار مبارڪ جي درگاهه جي سيڪيورٽي لاءِ چئي چڪا آهيون مگر انتظاميا ڪا توجه نه ڏني سيڪيورٽي نه هجڻ ڪري واقعو پيش آيو آهي هنن احتجاج ڪندي چيو روهڙي شهر جي تاريخي ۽ قديمي وار مبارڪ درگاهه مان 5 لکن کان وڌيڪ ماليت جو سامان چوري ٿيو آهي درگاهه تي موجود مقدس وار مبارڪ جيڪو سون ۾ محفوظ ٿيل آهي چورن ان ڪمري جو چانديءَ وارو دروازو ڪوڙيو پر اندر داخل نه ٿي سگهيا آهي جڏهن ته چور بيٽري، جنريٽر UPS ۽ پکن سميت قيمتي سامان ڪٽي فرار ٿي ويا واقعي بابت درگاهه جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته اهو چوري جو واقعو اڄ رات دير سان پيش آيو صبح جو سوير جڏهن درگاهه جو مين دروازو کوليو ويو ته ان جو تالو اڳ ۾ ئي کليل هو ان کان پوءِ ٻئي دروازي جو ڪنڊو ۽ تالو ٽٽل مليا. جڏهن ته ٽئين دروازي، جيڪو چانديءَ جو آهي ان جو به ڪنڊو پڳو ويو هو. چور ڪمري تائين نه پهچي سگهيا، جتي سون ۾ محفوظ وار مبارڪ رکيل آهي درگاهه جي ذميوارن موجب اهو واقعو ڪنهن وڏي سازش جو حصو ٿي سگهي ٿو انتظاميا طرفان ضلعي انتظاميا کي اڳ به بار بار سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ لکت ۾ درخواستون ڏنيون ويون هيون پر ڪا به عملي قدم نه کنيو ويو واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي درگاهه انتظاميا چيو ته "ذوالحج جي مهيني ۾ روزانو جي بنياد تي هزارين ماڻهو زيارت لاءِ اچن ٿا،

بقايا 19

جنگ بندي ۽ مان اميد رکجي ٿي ته اها خطي ۾ پائيدار امن لاءِ مددگار ثابت ٿيندي. هن چيو ته جنگ بندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڏن ۽ پراڻن مسئلن جي حل لاءِ هڪ سازگار ماحول پيدا ڪندي، سعودي نائب وزير خارجه عادل الجبير به جنگ بندي ۽ جو آڌرڀاءُ ڪندي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ وزير خارجه اسحاق ڊار سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ امن جي اڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو جنگ مسئلن جو حل نه هئي جنگبندي سان يقيني طور امن کي هٿي ملندي ايران برطانيا ۽ جرمني به پنهنجي بيانن ۾ جنگ بندي ۽ جي واکاڻ ڪري ڇڏي

بقايا 20

ڪينال ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ 7 مئي تي منصوبي جو آغاز ڪيو ويو جيڪو 10 جون تائين مڪمل ٿيندو، صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو ۽ سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو ڪيرٿر ڪينال ۽ دادو ڪينال جو دورو ڪري ڊي سلٽنگ جي ڪم جو جائزو ورتو صوبائي وزير جام خان شورو جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي اندروني سنڌ جي سمورن آبادگارن کي فصل لاءِ پاڻي جي فراهمي مڪمل طور يقيني بڻائڻ لاءِ ڪينالن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڊي سلٽنگ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ نارا ڪينال جي لائننگ ۽ پچنگ ڪانپوءِ اين ايس ڪميٽي جي انتظام هيٺ جديد مشينري ذريعي دادو ڪينال ۽ ڪيرٿر ڪينال جي ڊي سلٽنگ جو ڪم به ڪيو ٿو وڃي اميد آهي ته 10 جون تائين ڪم مڪمل ٿي ويندو جنهن بعد ڪيرٿر ڪينال ۽ دادو ڪينال جي پڇڙي وارن آبادگارن تائين انهن جي حصي جو پاڻي مڪمل طريقي سان پهچي ويندو صوبائي وزير جي دوري دوران ٺيڪيدار سيد نسيم شاهه ٻڌايو ته ڪيرٿر ڪينال ۽ دادو ڪينال جي ڊي سلٽنگ کي پروفيشنل انداز ۾ مڪمل ڪيو پيو وڃي ته پاڻي جي رفتار تيز ٿي سگهي ۽ آبادگارن کي وڌ کان وڌ پاڻي فراهم ٿي سگهي

بقايا 21

18 ڏينهن تي ٻڌل گڏيل جنگي مشقون مڪمل ڪيون آهن ماهرن جو چوڻ آهي ته چيني جنگي جهاز وچ اوڀر ۾ طاقت جو توازن بدلائي سگهن ٿا ياد رهي ته تازو ئي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ٿيل فضائي جهڙپ سڄي دنيا جي ڌيان جو مرڪز بڻجي وئي آهي، جنهن کي جديد فضائي هٿيارن پائليٽن جي مهارت ۽ ويڙهاڪ جهازن جي ڪارڪردگي کي پرکڻ جو بهترين موقعو قرار ڏنو پيو وڃي چين جي ٺهيل پاڪستاني جهازن ۽ فرانس جي ٺهيل ڀارتي رافيل جهازن وچ ۾ ٿيندڙ فضائي جهڙپ جو سڄي دنيا جون فوجون تجزيو ڪنديون ته جيئن مستقبل جي جنگين ۾ سرسبزي حاصل ڪرڻ لاءِ قيمتي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات پاڪستان ڀارتي حملن جو ڀرپور جواب ڏيندي 5 ڀارتي جهاز تباهه ڪيا، جن ۾ 3 رافيل جهاز به شامل هئا، پاڪستاني اختيارين موجب پاڪ فضائيا ان جهڙپ ۾ رافيل جهازن خلاف چين جا ٺهيل جي 10 جهاز استعمال ڪيا. سينيئر پاڪستاني سيڪيورٽي ذريعن آمريڪي نشرياتي اداري کي ٻڌايو ته اها ويڙهه هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ جاري رهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسي جي لڳ ڀڳ 125 جهازن شرڪت ڪئي. ٻنهي ملڪن جا جنگي جهاز پنهنجي فضائي حدن کان ٻاهر نه ويا ۽ جنگ دوران ڪجهه موقعن تي 160 ڪلو ميٽر پري کان به هڪ ٻئي تي ميزائل فائر ڪيا ويا. بي بي سي ڏکڻ ايشيا جي ريجنل ايڊيٽر اينبرسن اٿرجان چيو آهي ته ڀارت کي هاڻي اها ڳالهه سمجهي پوندي ته پاڪستان جي فضائي طاقت ڀارت کان وڌيڪ آهي. هڪ برطانوي صحافي چيو ته ڀارت اربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪرڻ باوجود ناڪام ٿيو

بقايا 22

پرسان ڳوٺ يعقوب جوڻيجو ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو هڪ سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته جهيڙي ۾ هڪ مارجي ويو آهي هڪ زخمي ٿيو آهي لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جاچ جاري آهي

بقايا 23

معدني وسيلن تي قبضن خلاف عوامي تحريڪ طرفان مورو ۾ زبردست احتجاجي مارچ. احتجاجي مارچ جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري ، عوامي تحريڪ جي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيار لطيف ڀٽي، حسين سومرو، ايڊووڪيٽ خالد تنيو فريد ڪلهوڙو سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ مومل ڏاهري، فهميده سومرو ثناءِ راڄپر ڪائنات پرهه راڄپر عوامي تحريڪ جي اڳواڻ علي نواز عالماڻي محمد علي شاهه اسماعيل عالماڻي سرور سنڌي، ستار عمراڻي ۽ ٻين ڪئي احتجاجي مارچ ۾ وڏي انگ ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي ڀينرن جي شرڪت. ٻارڙن نوجوانن هارين مزدورن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن ۽ پاشا ڊيم خلاف سخت نعريبازي. سنڌو درياهه تي نون ڪينالن جي مڪمل خاتمي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو وچن. ان موقعي تي ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيار چيو ته سنڌو درياهه تي نون ڪينال ٺاهڻ وارو فيصلو اڃان واپس ناهي ٿيو سي سي آءِ جو فيصلو غير آئيني ۽ سنڌي قوم جي جدوجهد کي ماٺو ڪرڻ جي سازش آهي سي سي آءِ پنجاب جو ڪٺپتلي ادارو آهي ارسا ۽ سي سي آءِ جا ادارا وفاق بدران پنجاب جي نمائندگي ڪن ٿا اڳواڻن چيو ته ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ۽ عالمي سامراج جي ايجنٽ حڪمرانن قائداعظم محمد علي جناح جي سيڪيولر ۽ روشن خيال پاڪستان کي مظلوم قومن جو قيد خانو بڻائي ڇڏيو آهي پنجاب سرڪار ۽ وفاقي حڪومت عملي طور پاڪستان جي وفاق کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. قائداعظم محمد علي جناح جي وفات ڪانپوءِ ملڪ تي قابض آمرن ۽ بيوروڪريٽس پاڪستان ۾ شامل مظلوم قومن جي زمينن معدنيات ۽ وسيلن تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان وفاقي نظام بدران وحداني رياست بڻجي چڪو آهي

بقايا 24

ورتي آهي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 8 فيبروري جي ريلي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ صنم جاويد جي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران عدالت صنم جاويد جي ضمانت جي درخواست منظور ڪئي عدالت 100,000 رپين جي ضمانتي مچلڪن تي ضمانت منظور ڪئي

بقايا 25

حليم عادل شيخ پاڪستان جي جهنڊي ۾ اڇو رنگ اسان جي اقليتن جي نمائندگي ڪري ٿو قوم متحد آهي. حليم عادل شيخ ٿرپارڪر پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ طرفان ڀارت جي جارحيت، دهشت گرد نريندر مودي ۽ هن جي بزدل فوج جي پاڪستان مخالف ڪاروائين خلاف سنڌ جي شهرن ۾ ريليون منعقد ڪيون ويون انهن ريلين جو مقصد پاڪستاني قوم ۽ اقليتن جي اتحاد ۽ يڪجهتي جو مضبوط اظهار هو ريليون پاڪ ڀارت بارڊر واري علائقي ٿرپارڪر کان وٺي بدين، ماتلي، حيدرآباد، ڪراچي ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ منعقد ڪيون ويون. ريليون "پاڪستان زنده باد" ۽ "عمران خان پائنده باد" جي نعري هيٺ منعقد ڪيون ويون جن ۾ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي خاص طور تي ضلعي ٿرپارڪر جي علائقي ننگرپارڪر جي پاڪ ڀارت بارڊر جي زيرو پوائنٽ وٽ ڳوٺ ويراواهه ۾ هندو برادري پاران ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ اقليتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ۽ دهشت گرد مودي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ننگرپارڪر ۾ اقليتي برادري جي ريلي ۾ شرڪت ڪري ريلي جي قيادت ڪئي. ننگرپارڪر ريلي ۾ پي ٽي آءِ جي هيڊ مرڪزي ۽ علائقائي اڳواڻ پڻ شرڪت ڪئي. جن ۾ مرڪزي اڳواڻ حاجي نثار آرائين آفتاب قريشي، راجا عبدالحق، امين الله موسيٰ خيل، فرخ خان صديقي خاصخيلي، خليفه حيات درس ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شامل هئا. پي ٽي آءِ جي اقليتي اڳواڻ ۾ پهلاج ڪولهي، ڊاڪٽر جيپال ڇاٻڙيا، ايڊووڪيٽ پگوانداس ڀيل، مهرو ڪولهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن دهشت گرد نريندر مودي ۽ هن جي بزدل فوج خلاف سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اسان پاڪستاني اقليتون وطن عزيز جي دفاع ۾ متحد آهيون ۽ مودي جي دهشت گردي جو ڀرپور جواب ڏينداسين هن موقعي تي خطاب ڪندي حليم عادل شيخ چيو "پاڪستان جي جهنڊي ۾ اڇو رنگ اسان جي اقليتن جي نمائندگي ڪري ٿو اڄ اقليتن پاڪستان جي بارڊر تي بيهي دشمن کي پيغام ڏنو آهي ته اسان سڀ پاڪستاني متحد ۽ هڪ قوم آهيون هن وڌيڪ چيو ته مودي هڪ دهشت گرد آهي هن جي بزدل فوج اسان جي مسجدن ۽ مدرسن تي حملو ڪيو اسان جي شاهينن هنن جي ايئربيسز ۽ فوجي اڏن کي نشانو بڻائي ڀرپور جواب ڏنو آهي جنهن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا هن چيو ته جيستائين سنڌ طاس معاهدو بحال نه ٿو ٿئي، هي قوم جنگ بندي قبول نه ڪندي، هي قوم مودي جي ڌمڪين کان نه ڊڄندي، اسان پاڪستان جي پاڻي جي تحفظ لاءِ آخري حد تائين وينداسين هن چيو ته مودي جو پيءُ به پاڪستان جو پاڻي بند نٿو ڪري سگهي اسان سڀ پاڪستاني آهيون ۽ اسان جي هٿن ۾ پاڪستان جو جهنڊو آهي، وطن عزيز طرف اٿڻ واري هر ميري اک کي ڪڍي ڇڏينداسين هن عمران خان جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته هو ملڪ ۽ قوم جي حقن لاءِ اڄ به جيل ۾ پابند سلاسل آهي. پر سڄي قوم هن جي آواز تي متحد آهي اسان جو ڪپتان عمران خان، شاهه محمود قريشي سميت مرڪزي قيادت ۽ هزارين ڪارڪن جيلن ۾ بي گناهه قيد آهن اسان سان ظلم ناانصافي ۽ زيادتي ڪئي وئي آهي. ان جي باوجود اسان وطن جي دفاع لاءِ هڪ قوم ٿي بيٺا آهيون اڄ ملڪ ۾ پي ٽي آءِ طرفان مودي جي دهشت گردي خلاف ريليون ڪڍيون ويون آهن هن مطالبو ڪيو

بقايا 26

جي انٽ واري قانون جي تحت پابندي لڳائي، عوامي ليگ جون سرگرميون ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تائين معطل رهنديون بنگلاديش جي عبوري حڪومت انٽرنيشنل ڪرائمز ٽريبونل ايڪٽ ۾ ترميم جي به منظوري ڏئي ڇڏي آهي ترميم سبب سياسي پارٽين ۽ لاڳاپيل ادارن تي ڪيس هلائڻ جي اجازت ڏني وئي آهي ٻئي طرف عوامي ليگ عبوري حڪومت جي اهڙي قدم کي ناجائز قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي ياد رهي ته بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد گذريل سال آگسٽ ۾ سخت عوامي دٻاءُ کان پوءِ استعيفيٰ ڏئي ڀارت فرار ٿي وئي هئي. بنگلاديش جي نگران حڪومت ڀارت کان ڪيترائي ڀيرا شيخ حسينه واجد کي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڪي آهي

بقايا 27

اڄ کان روهڙي ۾ شروع ٿي رهيو آهي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه مزار تي چادر چاڙهي عرس جي تقريبن جو باضابطه آغاز ڪندا تقريبون 15 مئي تائين جاري رهنديون 14 مئي تي ضلع ڀر ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي تفصيل مطابق معروف صوفي شاعر عالم حضرت فقير قادر بخش بيدل جو 4 ڏينهن جو ساليانو عرس درگاهه بيدل بيڪس رحه روهڙي ۾ عقيدت ۽ احترام سان شروع ٿي رهيو آهي عرس جي افتتاحي تقريب ۾ سيد ناصر حسين شاهه چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪندا ان ڏينهن محفل سماع ۽ لنگر جو بندوبست ڪيو ويندو 13 مئي تي عرس جي تقريبن ۾ محفل سماع منعقد ڪئي ويندي جنهن ۾ نالي وارا صوفي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا ان ڏينهن جا مهمان خاص پيپلز پارٽي جا سينيئر اڳواڻ ۽ ميمبر قومي اسيمبلي نعمان اسلام شيخ هوندا 14 مئي تي ادبي ڪانفرنس، قلندري ڌمال محفل سماع ۽ تقسيم ايوارڊز جون تقريبون ٿينديون ان ڏينهن پيپلز پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ ۽ ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه خاص مهمان طور تي شريڪ ٿيندا 15 مئي تي عرس جي آخري تقريب "جشن بيدل" جي عنوان سان محفل نعت ۽ ذڪر جو انعقاد ڪيو ويندو جنهن ۾ مشهور نعت خوان نعت رسول صه پيش ڪندا ۽ 30 کان وڌيڪ علما هن روحاني محفل ۾ خطاب ڪندا عرس جي سمورن ڏينهن ۾ درگاهه جي چوڌاري فول پروف سيڪيورٽي انتظامات ڪيا ويا آهن پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس کي اهم هنڌن تي مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته درگاهه جي آسپاس ۾ ٽنڊين ۽ وڏين گاڏين جي داخلا تي پابندي لڳائي وئي آهي سيپڪو کي بنا تاخير بجلي جي فراهمي صحت جي کاتي کي ايمبوليسنس ۽ ميڊيڪل ڪيمپ فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ۽ ميونسپل ڪميٽي روهڙي کي صفائي روشني ۽ ٿڌي پاڻي جا خاص انتظام ڪرڻ جي هدايت ڏني وئي آهي. ضلعي انتظاميا 14 مئي تي عرس جي موقعي تي ضلعي ڀر ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو آهي ته جيئن شهرين کي آسانيءَ سان تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي جڏهن ته سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران سنڌ جي عظيم صوفي شاعر عالم فقير قادر بخش بيدل جي 157 هين عرس جي موقعي تي سکر آرٽس ڪائونسل جي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ اڄ شام جو ڇهين وڳي بيدل ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي رهي آهي جنهن ۾ سنڌ جا ناميارا اديب ۽ محقق فقير قادر بخش بيدل جي شخصيت ۽ شاعري تي پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪندا

بقايا 28

گذريل ڏينهن ڀارت پاڪستان خلاف جارحيت ڪئي جنهن جو پاڪ فوج طرفان ڀرپور جواب ڏنو ويو ۽ 3 رافيل جهازن سميت 5 جنگي جهاز ڪيرايا ويا، جڏهن ته گذريل رات "آپريشن بنيان مرصوص" شروع ڪيو ويو. پاڪستان جي تباهه ڪندڙ جواب سان ڀارتي دفاعي نظام مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو ۽ دشمن فوج به پنهنجي نقصان جو اعتراف ڪري ورتو ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگبندي ٿي وئي، جنهن جو اعلان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪيو ۽ بيان ۾ چيو ته آمريڪا جي ثالثي سان ٻنهي ملڪن فوري طور جنگبندي تي اتفاق ڪيو آهي پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي تي جتي ڀارتي ميڊيا جو سخت ردعمل سامهون آيو آهي اتي سلمان خان کي به سيز فائر بابت ٽوئيٽ تي تنقيد کي منهن ڏيڻو پيو. ڀارتي ميڊيا رپورٽن موجب، سلمان خان سيز فائر تي ٽوئيٽ ڪندي لکيو ته "جنگبندي لاءِ الله جو شڪر آهي"، سلمان خان جو اهڙو ٽوئيٽ پاڪستان هٿان شڪست کائيندڙن کي نه وڻيو ۽ جڳ مشهور اداڪار کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو ويو جنهن تي هن پنهنجو ٽوئيٽ ڊليٽ ڪري ڇڏيو

بقايا 29

پاڪستان جي جوابي حملن دوران ايس 400 جي تباهي ٿي آهي ته اهو سڀ کان وڌيڪ هاءِ پروفائل واقعو آهي. آدم پور بيس اتر ڀارت جو مرڪزي بيس آهي، جيڪو سخوئي اسڪواڊرن مرڪز ۽ سرحد کان 100 ڪلو ميٽر پري آهي. دفاعي تجزياتي ويب سائيٽ ۾ چيو ويو آهي ته انتهائي اهم ايئربيس تي روسي دفاعي نظام جي تباهي سان ڀارتي دفاعي نظام ڪمزور ٿي ويو پاڪستان هائپر سونڪ، جي ايف 17 ٿنڊر ۾ لڳايو آهي ته پاڪ فضائيا جي حملي جي صلاحيت گهڻي وڌي وئي. بلغاريه ملٽري ريويو جو اهو به چوڻ آهي ته ٿي سگهي ٿو پاڪستان چين جي هائپر سونڪ ميزائلن جو مقامي نمونو تيار ڪيو هجي، ايس 400 جي تباهي ڀارت جي دفاعي حڪمت عملي ۽ تي ڊگها اثر ڇڏيندي ملٽري ريويو ۾ چيو ويو آهي ته اهو هڪ علامتي پيغام به آهي ته پاڪستان ڀارت جي گهٽي اندر تائين حملي جي صلاحيت رکي ٿو

بقايا 30

درياهه ۽ زمينون بچائڻ لاءِ مستقل ڊگهي جدوجهد جي ضرورت آهي سنڌ دشمن ڪئنال منصوبن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف جدوجهد ۾ ٿڪجنداسين ڪونه، پاڻ هٽنداسين ڪونه ۽ پاڻ ويهنداسين ڪونه، پاڻ لڳا ايندا سين لڳا ايندا سين تيسين جيسين يا پنڌ ڪٽي يا ڪاري رات ڪٽي. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڻ گذريل 9 مهينن کان شروع ڪيل قومي مزاحمتي جدوجهد کي جاري رکندي 16 مئي تي ڪوٽڙي، 18 مئي تي گولاڙچي ۽ 23 مئي تي مورو ۾ غير قانوني ۽ غير آئيني ڪينالز ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف وڏيون احتجاجي ريليون جاري رکنداسين اياز لطيف پليجي چيو ته مسلسل 9 مهينن کان بار بار سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر ۾ هزارين ماڻهن جون ريليون ۽ جلسا ڪري چيم پي ته سودو ٿي چڪو آهي نوان سنڌ دشمن ڪينال چولستان گرين مڊل ٿيز، جلالپون چشمه رائيٽ بينڪ وغيره ٺهن پيا، پراڻا ٺهيل لنڪ ڪينال ٽرنسن پنجند، چشمه جهلم ۽ گريٽر ٿل غيرقانوني طور سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي لڳاتار وهن پيا. اياز لطيف پليجي چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ سڄي سنڌ ۾ زمينون مسلسل ڏجن پيون ۽ سنڌ مستقل طور سڪائي، تباهه ۽ برباد ٿي پيو پر ڪجهه ڏينهن اڳ سيني منهنجي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي قومي ۽ سياسي مزاحمتي لائين کي ۽ ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ لڳاتار جدوجهد جاري رکڻ جي موقف کي رد ڪري ۽ منهنجي سخت مخالفت ڪري چيو هو ته هاڻ آخري سوپ ملي چڪي آهي، هن عظيم الشان فتح جون قوم کي مبارڪون پاڻ ڪامياب ٿي وياسين مسئلو هميشه لاءِ حل ٿي ويو ڪينال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ دفن ٿي ويا، هاڻ احتجاجن مزاحمتن ريلين ۽ جلسن جي ضرورت ناهي، آخري هڪ هڪائي ٿي وئي، لکت ۾ فيصلو اچي ويو واعدا ۽ گڏيل پريس ڪانفرنسون به ٿي ويون، هاڻ درياهه ۽ زمينون واپس ٿينديون، هاڻ سنڌين کي سندن پٽيءَ جو سمورو پاڻي ملندو، هاڻ سنڌ سرسبز آباد ۽ گل و گلزار ٿي ويندي. بهرحال ان وقت جيڪي سنڌ واسي مطمئن پراميد ۽ خوش ٿيا هئا يا جيڪي اڃا ۽ مبارڪون ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ مصروف آهن اهي اسان جا پنهنجا آهن، اهي به سدا خوش، مطمئن ۽ آباد رهن اياز لطيف پليجي چيو ته درياهه هليو ويو ته سنڌ ڪنڊر ۽ ٻنجر ٻنجي ويندي. اسين سنڌ ۽ درياهه ۽ زمينن لاءِ تو تائين جدوجهد جاري رکنداسين ڪنهن به ڪوڙي دلاسي ۽ دوکي ۾ نه ايندا سين

بقايا 31

ڪيو. مشهور لبرٽي چوڪ تي سوين ماڻهن جمع ٿي پاڪ فوج زنده آباد ۽ پاڪستان زنده آباد جا نعرا لڳايا، جڏهن ته فضا جهنڊن ۽ ملي نغمن سان گونجندي رهي مال روڊ تي واپاري برادري خصوصي تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ شهرين ۾ مٺايون ورهايون ويون. واپاري اڳواڻن چيو ته سيز فائر پاڪستان جي سفارتي ۽ عسڪري ڪاميابي جو ثبوت آهي شهرين پاڪ فوج جي جوانن کي خراج تحسين پيش ڪندي قومي جهنڊو کڻي مارچ به ڪيو شهرين چيو ته ملڪ جي دفاع ۾ مصروف جوانن تي فخر ڪريون ٿا ۽ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون

بقايا 32

پرسان منگلي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ميهنل انڙ مامي پاران پنهنجي ڀائٽيجي کي ڪارنهن جي الزام هيٺ گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو هوڏانهن اهڙي واقعي جي اطلاع تي ورڪشاپ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي قتل ٿي ويل عورت جي لاش کي تحويل وٺي سول اسپتال سانگهڙ پهچايو جتي قتل ٿي ويل عورت جي سڃاڻپ 22 سالا اقراء انڙ طور ٿي آهي جنهن جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو رابطو ڪرڻ ورڪشاپ ٿاڻي جو انچارج ٻڌايو ته جوابدار شانوانڙ پنهنجي ڀائٽجي 22 ورهين جي اقرا انڙ کي رات دير سان ڪارنهن جي الزام ۾ گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو هو جنهن کي پوليس ناڪابندي دوران هٿيار سميت گرفتار ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن قتل ٿي ويل عورت جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي



سنڌ جي زراعت تاريخ جي نظر ۾..!!

سنڌ جي واپاري وکر ۾ ناريل، بکر جو ڪاٺ، بيد، سون خوشبودار شيون ۽ مصالحا جهڙوڪ: ڪافور، عود، لونگ، جائفل، دالچيني وغيره عرب تاجر وٺي ويندا هئا. ان ڪانسواءِ ڪمند، ڪيلو، نارنگي، ليمو ۽ ٻيون شيون هتان ٽين صديءَ ۾ عرب ڏانهن ويون. مسعودي سنڌ حڪومت جي ٻن شهرن ملتان ۽ منصوره جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هن منصوره لاءِ لکيو آهي ته اهو سنڌوندي جي ڪناري تي آباد هو جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو جنهن جي ضابطي هيٺ ڪي لک ڳوٺ ۽ شهر آهن "هتان جي زمينن کي تمام زرخيز سرسبز چيو اٿس هن پهريون ڀيرو هاٿي منصوره ۾ ڏٺا. سنڌ جي ٻوليءَ بابت مسعوديءَ لکيو آهي ته "سنڌ جي هڪ خاص ٻولي آهي، جيڪا هندستان کان الڳ آهي" "هو سنڌ جا مور عراق وٺي وڃڻ جي ڳالهه به ڪري ٿو. جن جي اتي افزائش ڪئي وئي سنڌين جي هنري ۽ علمي قابليت بابت لکي ٿو ته، "هنر فن ۽ عمارت سازيءَ ۾ ترقي ٿي ۽ نجوم ۽ حساب جي علم ۾ به وڏو واڌارو ٿيو بادشاهه 'برهمڻ' حڪيم ۽ فيلسوف گڏ ڪيا، جن 'سند هند' (Sindhind) نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن جي روشنيءَ ۾ ٻيا ڪتاب به لکيا ويا." ائين المسعوديءَ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ جو ڪجهه حصو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. هن 957ع ۾ فسطاط ۾ وفات ڪئي. اليعقوبي، احمد بن ابي يعقوب بن جعفر وهب بن واضح اليعقوبي: ٽئين صديءَ جو هي مؤرخ ۽ جاگرافيدان 873ع تائين آرمينيا ۽ خراسان ۾ رهيو. طاهري دربار سان وابسته رهيو. عباسي سلطنت ۾ انشاءَ جي آفيس جو عملدار هو. جنهن سڄي دنيا جي تاريخ پهريون ڀيرو عربيءَ ۾ لکي، جنهن ۾ مسلمانن جي فتوحات جو به ذڪر آهي انهيءَ حوالي سان تاريخ ۾ سنڌ تي عربن جي ڪيل حملن جو به ذڪر آهي. سندس ڪتاب جو نالو 'ڪتاب التاريخ'، جنهن کي 'تاريخ اليعقوبي' به سڏيو وڃي ٿو جيڪو 1883ع ۾ ٻن جلدن ۾ لنڊن مان ڇپيو. هن ڪتاب ۾ هند ۽ سنڌ جي انهن ڪتابن جو ذڪر به آهي جيڪي هند ۽ سنڌ جي عالمن جا هئا ۽ پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. سندس ٻيا ڪتاب آهن: 'تاريخ ابن واضح' ۽ 'ڪتاب البلدان' (ملڪن جو ڪتاب). هي پهريون سياح هو جنهن هند ۽ سنڌ جي فلسفي، حڪمت، طب، ادب ۽ علم نجوم بابت تفصيل سان لکيو آهي. هو لکي ٿو ته، "هند ۽ سنڌ جا ماڻهو عقل وارا، سوچ ويچار جا ڪوڏيا آهن جنهن ڳالهه ۾ قومن ۾ اڳرا آهن. جوتش ۽ نجوم ۾ سندن ڳالهيون سڀ کان وڌيڪ صحيح ٿيون نڪرن 'سڌانت' (علم هيئت بابت ڪتاب جنهن جو البيرونيءَ به ذڪر ڪيو آهي) سندن ذهانت جو نتيجو آهي. جنهن مان يونانين ۽ ايرانين به فائدو ورتو آهي. طب ۾ سندن ڄاڻ سڀني کان وڌيڪ آهي. طب، منطق ۽ فلسفي ۾ سندن ڪيترين ئي لکڻيون آهن. هنن ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن." هو لکي ٿو ته، "سندباد جهازيءَ جا ڪتاب به هتان جي رهاڪن جا لکيل آهن." اليعقوبيءَ سنڌ جي شهرن جو به ذڪر ڪيو آهي. جن مان 'منصوره' بابت لکي ٿو ته، هتان جون جايون ڪاٺ سان ٺهيل آهن. پر جامع مسجد پٿر جي ٺهيل آهي. ان جي پرسان حمام ۽ مسافرخانو به ٺهيل هو. منصوره جي شاهي بازار ڊگهي ۽ ڪشادي هئي. شهر جي چوڌاري وڏي پٽ ڏنل هئي، جنهن جا چار دروازا هئا. جيڪي دشمن جي حملي وقت بند ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ سون ۽ معدنيات ۽ ساڳ جي ڪاٺي تمام گهڻي ٿيندي هئي. هن اهو به لکيو آهي ته هتي ڪن هنڌن تي عورتن جي به حڪومت آهي. اليعقوبيءَ 8_897ع ۾ مصر ۾ وفات ڪئي. اليگزينڊر برنس (Sir Alexander Burnes): اسڪاٽش ڪوچنا ڪار ۽ سنڌ جو هيءُ تذڪره نگار 16 مئي 1805ع تي انگلنڊ ۾ ڄائو. پهرين ملازمت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڪيائين. جن 1823ع ۾ ڪيس سورت بندر موڪليو 1825ع ۾ سنڌ جي (ان وقت) علائقي ڪڇ ۾ آيو ۽ 1830ع ۾ راجا رنجيت سنگهه جي دربار ۾ پنجاب ويو. بعد ۾ ڪيس سنڌ جي ايراضيءَ جي اڀياس ۽ تحقيق لاءِ مقرر ڪيو ويو. هن هنديءَ ۽ فارسي زبانون سکيون. برنس پهرين 1829ع ۾ سنڌو ۽ ماڙيءَ جي مهم لاءِ رٿ پيش ڪئي. پر ڪيس لاهور وڃڻو پيو. سبب اهو ڄاڻايو ويو ته بادشاهه وليم چوٿين مهاراجا رنجيت سنگهه لاءِ گهوڙا سوکڙيءَ طور موڪليا آهن. اهي زميني رستي جي سختي سهي نه سگهندا. ان ڪري کين سنڌو درياهه جي رستي اوڏانهن وٺي وڃڻو هو. پر دراصل ان بهاني هنن کي لکچوريءَ ۾ سنڌو درياهه جو سروي ڪرڻو هو. جيڪو هن پورو ڪيو. سندس ان حوالي سان ڇپيل ڪتاب 1834ع ۾ ڇپيو. جنهن هن کي وڏي شهرت ۽ عهدا ڏياريا. 1835ع ۾ ڪيس سنڌ جي دربار ۾ سنڌو درياهه جي رستن جي جانچ ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. افغانستان ۾ شاهه شجاع جي حڪومت جي بحالي 1839ع ۾ ٿي. ان وقت برنس اتي پوليٽيڪل ايجنٽ طور خدمتون سرانجام ڏنيون. تان جو 1841ع ۾ ڪيس اتي قتل ڪيو ويو. چيو وڃي ٿو ته قتل ۾ انهن افغان عورتن جي پائرن ۽ مڙسن جو هٿ هو جن سان اليگزينڊر برنس زنا ڪئي هئي. هڪ ڏينهن هن جي گهر کي باهه ڏني وئي ۽ هو فارسي ٻوليءَ جي مهارت سبب پاڻ کي افغان ظاهر ڪري گهران نڪتو ته هجوم ڇرين سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيس. ساڻس گڏ سندس ڀاءُ جو به ساڳيو حشر ٿيو. اليگزينڊر برنس جي ڪتابن مان ان دور ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي. سنڌ جي احوال ۾ هن شڪارپور جي شاهوڪاريءَ ۽ آسودگيءَ بابت لکيو آهي، جتي هن ڪامياب بينڪر/ صراف ڏٺا. ڏيتي ليتيءَ جا وڏا ادارا ڏٺا، جن جا گماشتا پري پري تائين واپار لاءِ ويندا هئا. سنڌ جي ٻين شهرن کان هتي سستائي هئي. سنڌ جي تجارتي مال بابت لکي ٿو ته، "سنڌ جي مال جو دهليءَ جي شهنشاهن جي دور ۾ گهڻو مان هوندو هو. جڏهن سنڌ ۾ نادرشاهه داخل ٿيو ان وقت سنڌ جو واپار عروج تي هو." هن ان وقت جي سنڌ جي ڪل آدمشماري به لک لکي آهي. اليگزينڊر هيملٽن (Alexander Hamilton): اسڪاٽ لينڊ جو سيلاني سوداگر ۽ بحري ڪپتان. جنهن جي سفرنامي ٽيوا اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز ۾ مغل دور واري سنڌ جو ذڪر آهي. هن ٿوري وقت لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ به ملازمت ڪئي هئي ۽ پوءِ سورت بندر تي پنهنجو ڪاروبار به ڪيائين. هو سنڌ ۾ تجارت جي مقصد سان 1669ع ۾ مالابار کان آيو هو ۽ ٺٽي جي نواب حفيظ الله خان ساڻس ملاقات ڪئي ۽ مهماني ڪئي. هيملٽن موٽ ۾ کيس هڪ آرسي، بندوق، ٻه پستول ۽ هڪڙو خنجر تحفي طور ڏنا. هيملٽن انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي آزار بابت لکيو آهي ته "ملڪ ۾ چوطرف ڌاڙيلن جا ٽولا تجارتي قافلن جي تلاش ڪندي گهمندا وتندا هئا. مغل عملدار رستن کي سلامت رکڻ کان قاصر هئا. انگلنڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ به ساڳي حالت هئي. لاهري بندر جي الهندي ڪپ تي سڪراني بلوچن جو راڄ هو ۽ ايرنديءَ ۾ ڪڪرالي جي ڄامن رڻ ٻاري ڏنو هو.. هر قافلي جي بچاءَ لاءِ سؤ يا ٻن سؤ سپاهين جي ضرورت هوندي هئي." لاهري بندر بابت لکيو اٿس ته "ان زماني ۾ لاهري بندر ۾ هڪ سؤ ڪاٺ ۽ مٽيءَ جا جڙيل گهر هئا. شهر جي وچ تي هڪڙو پٿر جو قلعو هو.

، جنهن تي بلوچن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ توپون رکيل هيون ٺٽو لاهري بندر کان چاليهه ميل پري هو." ٺٽي لاءِ لکيو اٿس ته "هيءُ شهر ملڪ جي مارڪيٽ آهي ۽ تمام وڏو ۽ آسودو شهر آهي اٽڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ٻه ميل ويڪرو آهي. هيءُ شهر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي مذهبيات، علم لغت ۽ علم سياست جي ڪري سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي. منجهس چارسؤ کان به مٿي ڪاليج آهن، جن ۾ نوجوانن کي علمن جي تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي ٿي. ٺٽي ۾ هڪڙو قلعو آهي، جنهن ۾ نواب جو محل آهي. جنهن ۾ پنج هزار لشڪر به رهندو آهي."

هتان جي اپت جي باري ۾ لکي ٿو ته، "ٺٽي ۾ تازا ميوا جام هئا. هتي هڪ روپئي جا سؤ صوف وڪامندا هئا. خاص ڪري هتي ڏاڙهون ڏاڍا بهترين ملندا هئا. هت بهترين قسم جو سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙو ٺهندو هو. سوٽي ڪپڙو سادي ڊزائين سان ڏاڍي لساڻيءَ سان اڻيل هوندو هو ۽ سندن جوڙيون نه رڳو نرم ۽ نفيس هيون پر ٻين هنڌن جي جوڙين کان وڌيڪ چڱداره هيون هتي ڪپڙن تي پرت به سلو پريو وڃي ٿو منهنجي اچڻ کان ٽي سال اڳ هتي هڪ اهڙي پليگ پٽي هئي. جنهن ٺٽي جي شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ تي ايڏو ته اثر ڪيو جو رڳو ٺٽي جي شهر جا اسي هزار ڪاريگر مري ويا ۽ اڌ کان مٿي شهر ويران ۽ خالي ٿي ويو." هيملٽن سنڌ جي چوپائي مال جو به ذڪر ڪيو آهي ته سڄيءَ جو به هن پلي جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي هنرن مان جنڊيءَ جي هنر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته، "سنڌي عاليشان قسم جا ڪٻٽ، ڪاٺ جون ٿالهيون ۽ جنڊيءَ جون ميزون تيار ڪن ٿا. ڪٻٽن تي عاج جو ڪم ٿيل هوندو آهي. زالن ۾ به عاج جا زيور پائڻ جو شوق آهي. هو ڪلهن کان ٺونٺين تائين ۽ ٺونٺين کان ڪرائين تائين عاج جون ٻانهيون ٻنهي ٻانهن ۾ پائين ٿيون." هو سنڌ جي ماڻهن کي آسودو سڏي ٿو جن ڪڏهن ڏڪر ڪونه ڏٺو. ايڊورڊ آرچر لئنگلي (Edward Archer Langly): هي خيرپور رياست ۾ مير علي مراد خان اول جي دربار ۾ اهم عهدي تي فائز هو. اتي رهڻ دوران روزانو پيش ايندڙ واقعن، پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن بابت لکندو رهيو. جنهن کي لنڊن مان 1960ع ۾ ڇپرايو ويو جن مان هڪ هو: Narrative of Residence at the Court of Mir Ali Moorad. هن ڪتاب جا ٻه جلد 2005ع ۾ پاڪستان ۾ به ڇپيا آهن. لئنگلي جا مشاهدا ۽ تجربا سندس ذاتي جذبن سبب ڪٿي هاڪاري ته ڪٿي ناڪاري محسوس ٿين ٿا. هن اڪثر انگريز آفيسرن جيان سنڌ تي انگريزن جي قبضي کي درست سمجهيو ۽ سنڌين کي سست ۽ ڪاهل قرار ڏنو. هن ڪتاب ۾ ڪراچيءَ جي تجارتي اهميت ڏيندي لکيو آهي ته مستقبل ۾ ڪراچي ايشيا لاءِ تجارتي مرڪز ٿي سگهي ٿو. حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ جي ريلوي لائين بابت لکيائين. سنڌ جي واپاري تاريخ سيوهڻ جي تهذيبي تاريخ، سنڌ جي آبهوا منڇر ڍنڍ جي سونهن، سکر شهر جو احوال وغيره ان ڪتاب ۾ شامل آهن ان ڪانسواءِ سر بارٽل فريئر جي ڪمشنريءَ واري دور ۾ پوليس جو نظام، شڪارپور جي تاريخ، تجارت ۽ خيرپور ۽ ميرن جي باري ۾ پڻ حڪومتي ڪاروهنوار ۽ ٻين پهلوئن تي لکيو اٿس. ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ سنڌ جي چوپائي مال، خيرپور جي روينيو نظام، دل جو طريقو، ماپ تور جو اهتمام به مثالن سان پيش ڪيا اٿس. هن سنڌ جي موسيقيءَ جي سازن تي به لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ لئنگلي سنڌ جي ڪيترين شخصيتن، شهرن ۽ جانورن جون تصويرون به ڏنيون آهن. ايسٽوڪ، ايڊورڊ بيڪ هائوس: سنڌ جي هن تذڪري نگار 16 جولاءِ 1814ع تي هڪ اينگلو انڊين گهراڻي ۾ جنم ورتو. آڪسفورڊ جي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. 1836ع ۾ انڊين آرميءَ جي بمبئي انفينٽريءَ ۾ ملازمت مليس. پر ٻولين سان دلچسپي هئڻ سبب جلد ئي ڪيس سياسي عهدو ڏنو ويو. 1843ع ۾ هن هڪ ڪتاب 'Kessahi Sanjan' نالي ترجمو ڪيو جيڪو هندستان ۾ پارسين جي اچڻ جي تاريخ بابت هو ۽ زرتشت جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب لکڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ لفظي فهرست (Vocabulary) ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب لکيا. هن ڪجهه وقت جرمنيءَ ۾ رهي جرمن ٻولي سکي. باپ (Bopp) جو گرامر ترجمو ڪيو. ان کان سواءِ ڪيس 1845ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪاليج ۾ 'هندستاني' ٻوليءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو جتي ٻن سالن کان پوءِ هن هندستاني گرامر تيار ڪيو ۽ لفظي فهرست به ڏاهي. ان کانپوءِ 'سعديءَ جي گلستان' جو ترجمي (منظوم ۽ نثري) سان نئون ايڊيشن مرتب ڪيائين. ٻيا هندستاني ڪتاب جيڪي هن ترجمو ڪيا، تن ۾ 'باغ و بهار' 'انوار سهيلي' وغيره شامل آهن ايسٽوڪ سنڌ ۾ ٽي سال رهيو ۽ ايمانداريءَ سان هتان جو احوال پنهنجي هڪ ڪتاب A Glance at Sind Before Napier or Dry Leaves from Young Egypt (1844) ۾ لکيو جنهن جو سنڌي ترجمو محترم حنيف صديقيءَ ڪيو جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ 1973ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ هن ميرن جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي حالت کي بهتر سڏيو آهي. هن لکيو ته "ميرن جي وقت ۾ سنڌ جدا جدا پرڳڻن يا حصن ۾ ورهايل هئي، جيڪي وري ٽپن ۽ ضلعن ۾ ورهايل هئا. هر هڪ پرڳڻي تي هڪ سزا- وال مقرر ڪيل هو. جنهن کي هڪ خزانچي ۽ ان ڏهن گماشتن ۽ سپاهين جي مدد ڏني ويندي هئي. ٽپي تي وري ڪاردار رکيل هو جنهن کي پڻ زيردستن جو هڪ ننڍو عملو ڏنل هو." "سنڌ جي معاشي صورتحال جو اندازو ايسٽوڪ جي هن احوال مان لڳائي ٿو سگهجي: "سنڌ ۾ ڇٽن پٽسن ۾ هڪ ڪڪڙ ملي ٿي ڪٽڪ ريٽي ۾ اٺ پائيون وڪامي ٿي جيڪا چاليهه پٽسن جي تور ۾ سورنهن سير آهي.." "هتي پلو جام ٿئي ٿو پر ٻي سوادي مڇي گهٽ آهي.. شڪارپور جي پرسان ڪيترن ئي ميلن ۾ جوئر جو فصل بيلو هو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ اهو فصل ايڏي قد جو نه ٿيندو آهي. ڏڪر وڌائڻ ۾ ملڪ جي واپارين جو وڏو هٿ آهي. جيڪي سڪار جي وقت ان خريد ڪري زمين جي هيٺان تهخانن ۾ وجهيو گڏ ڪن "ڪيپٽن ايسٽوڪ جو سنڌي گرامر ۽ لغت تي بنيادي ڪم به اهم آهي. هن ڪتاب ۾ هن انهن جو ذڪر ڪيو آهي. تاريخي حوالن سان ڏٺو وڃي ته ميرن جي دور ۾ هڪ ٻئي به ڪيپٽن ايسٽوڪ جو ذڪر آهي. جنهن جو پورو نالو وليم جوزف ايسٽوڪ

بقايا 01

ڌمڪيون ڏنيون، خريد ڪيل زمين تي قبضو ڪيو، هاڻ مارڻ چاهين ٿا، مسمات دريا خان پيلاڻ رپورٽ موجب ڳوٺ وڏا پيلاڻ جي رهواسڻ مسمات دريا خان پيلاڻ بيوه غلام قمبر پيلاڻ رانيپور پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته بااثر ظهير پٽ ٿيڻجي خان پيلاڻ کان سورنهن ويسا منهنجي مڙس غلام قمبر خريد ڪئي جنهن جا پيسا 74500 روپيا ڏنا جنهن بعد ٽيرنهن سال زمين ڪاهي فصل ڪٽيندا رهياسون، جيڪي هاري پڻ گواهي ڏيندا، هن ٻڌايو ته جڏهن ته هڪ ويسي جا رهيل پيسا 35 هزار ڏنا، هن وڌيڪ ٻڌايو ته بااثر ظهير پيلاڻ، ارشد پيلاڻ منصور آغا ٽئي پٽ ظهير پيلاڻ جڏهن ته سمجه پٽ رضا علي پيلاڻ عرف گڏو وجهه الدين پٽ سمجه علي پيلاڻ گهرن ۾ گهڙي هٿيار ڪهاڙيون لٺيون لوهي سيخون ڏيکاري اٿت مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون

بقايا 02

سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ علامه راشد محمود سومرو چيو ته ڀارتي جارحيت ناڪام ٿي. پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي. سياسي قيادت ۽ پاڪ فوج کي مبارڪباد، شهيد شهرين جي مغفرت لاءِ دعا، ڀارت ۽ اسرائيل جي سازش ناڪام ٿي وئي. ڌاڙين ڀارتي جارحيت خلاف پاڪستان جي ڪاميابي الله تعاليٰ جي مدد، قومي همت ۽ سياسي قيادت جي يڪجهتي سان حاصل ٿي. هن چيو ته ڀارت ۽ اسرائيل جي ملي ڀڳت سان خطي کي جنگ جي باهه ۾ اڇلڻ جي سازش ڪئي وئي.

بقايا 03

"ملهايو ويو جنهن ۾ جوائنٽ ضلعي آرگنائيزر محمد سعيد شيخ، عمير قمس ضلعي ڪميٽي جي ميمبرن مختلف يونٽن جي عهديدارن ڪارڪنن ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ پاڪ فوج پاران ڀارت کي بهترين حڪمت عملي تحت مضبوط ۽ فيصلائتو جواب ڏيڻ جي خوشي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪارڪنن عوام ۾ مٺايون ورهايون ۽ جهمريون پڻ پاتيون ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته جنهن طريقي سان ڀارت پاڪستاني سرحدن کي نشانو بڻايو ۽ بزدلاڻه ڪارروائي ۾ بيگناهه شهري شهيد ڪيا، اسان ان جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي.

بقايا 04

ڪري ڇڏيو ته رحمان ايس ايس پي سکر موجب گذريل ڏينهن ايس ايڇ او آباد ٿاڻو ذوالفقار چاچڙ بسم الله ڪالوني سائيٽ ايريا جي علائقي مان گم ٿيل آمنه نالي هڪ ٻارڙي کي ڳولهي ان جي چاچي داد الله ولد شاهنواز رند ۽ ان جي ماءُ حوالي ڪري ڇڏيو گم ٿيل ٻارڙي جي ملڻ تي وارثن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي ۽ هنن پوليس عملدارن کي دعائون ڏيندي پوليس جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 05

جو پاڻي جي واري تان جهيڙو لٺيون ڪهاڙيون ۽ گوليون لڳڻ سبب معشوق زرداري طفيل زرداري سخت زخمي ٿي پيا جن کي مقصودو رند پوليس سمس اسپتال آندو جتي زخمين جي حالت خراب هجڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي ان موقعي تي زخمي معشوق زرداري جي پٽ آفتاب زرداري ميڊيا اڳيان ڏانهون ڪندي چيو ته منهنجا چاچا نياز حسين، محبوب حسين، عاشق حسين، ديدار حسين ۽ ٻين نامعلوم هٿياربندن زخمين تي ڪهاڙين لٺين ۽ هٿيارن سان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي اسان جي هڪ جريب زرعي زمين ۽ پاڻي تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا اڄ ڪري حملو ڪيو اٿن هوڏانهن جهيڙي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل آهي پوليس رپورٽ درج ڪري وڌيڪ جهيڙي جي ڪنٽرول ڪري ڇڏيو

بقايا 06

ڪي مقامي ماڻهن جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران لاش جي ڪنڊيشن مان واقعي کي ٻه کان ٽي ڏينهن پراڻو ٻڌايو آهي جنهن بعد ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش جي سڃاڻپ نه ٿيڻ ڪري تعلقه اسپتال جي مرده خاني ۾ امانت طور رکيو ويو آهي هوڏانهن همدرد فري سروس جي انچارج اقبال رند ٻڌايو ته لاش پراڻو هئڻ ڪري بدبوءِ ڪري ويو بدبوءِ جيڪا آس پاس جي ماڻهن تائين پهتي جنهن بعد مقامي ماڻهو بدبوءِ جا پيرا کڻي لاش وٽ پهتا جن پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد پوليس همدرد جي ريسڪيو ٽيم ذريعي لاش تعلقه اسپتال پهچايو ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن ۾ هي چوٿون لاش هٿ آيو آهي

بقايا 07

جي حد مان سڄي جي تلاءُ تان هاسيجا مهر واسي ٻن ڀائرن جاويد مهر ۽ صدام مهر کي هٿياربند مبينا طور تي اغوا ڪري فرار ٿي ويا، واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو واقعي بعد ڳوٺاڻا پوليس جي مدد سان پيرا کڻي ڪچي طرف روانا ٿيڻ جا اطلاع، ان موقعي تي مبينا اغوا ٿيلن جي والد علي گل مهر جو چوڻ هو ته جاويد مهر ۽ صدام مهر پنهنجي سڄي جي تلاءُ تي ويل هئا ته واپس ناهن موٽيا جن کي اغوا ڪيو ويو آهي.

بقايا 08

گڏجي پريس ڪلب پهچي ورياجين جي ظلمن کان تنگ ٿي احتجاج ڪيو ان موقعي ميڊيا سان ڳالهائيندي بيواهه عورت اقبال خاتون چيو ته منهنجو پٽ حلوا پڙي جو ريڙهو هٽي گهر جو چرخو هلائيندو آهي، سجاد ميمڻ نالي ورياجي شخص منهنجي پٽ کي تنگ ڪري رهيو آهي، هڪڙي موبائيل ڏيڻي منهنجي پٽ کان لکي روپيه ورياج وٺي چڪو آهي، جڏهن ته منهنجي پٽ جي موٽرسائيڪل پڻ سجاد ميمڻ کاهي ويو آهي،

بقايا 09

عبدالباسط ۽ مولوي عبد لغاري جي اڳواڻي ۾ مختلف مدرسن جي طالبن پاران هندستان جي جنگي جنون کي ڪچلڻ تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ پرجوش ريلي ڪڍي وئي ريلي ايم اي جناح روڊ کان شروع ٿي ۽ شهر جي مکيه شاهراهن کان ٿيندي سانگهڙ پريس ڪلب تي ختم ٿي. مدرسن جي نوجوان شاگردن ريلي ۾ شرڪت ڪئي. جن جي هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا هئا. ٻارن جو پنهنجي وطن لاءِ پيار ۽ جذبو قابل تعريف نظر آيو هو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن "پاڪ فوج زنده باد"، "پاڪ هوائي فوج زنده باد" ۽ "پاڪستان زنده باد" جا نعرا لڳايا. ريلي جي منتظمين ۽ شرڪت ڪندڙن پاڪستان آرمي ۽ پاڪستان ايئر فورس جي بهادر سپاهين کي خراج تحسين پيش ڪندي

بقايا 10

صدر مولانا عبدالرشيد ڪاٺوري جي زير صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ تمام علماءِ ڪرامن ۽ عهديدارن ڀرپور شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ شهري مسائل بابت ۽ محرم الحرام ۾ شهداءِ اسلام جي عنوان سان پروگرام ڪرائڻ جو اعلان، ۽ ڀارتي جارحيت ناڪام ٿيڻ تي ۽ پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي

بقايا 11

جي اڳيان مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي بدين ضلع جي صدر نور محمد ۽ اڳواڻن محمد شريف احمد خان نعيم احمد غلام مصطفيٰ ۽ ٻين چيو ته پاڪ فوج جي جوانن هميشه پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي جان جا نذرانا پيش ڪري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو آهي هنن چيو ته پاڪستان فورسز جنهن بهادري سان ڀارت جي خلاف جنگي برتري حاصل ڪئي ان تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بقايا 12

وڃڻ جو ڪيس مقتول جي پيءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪاه گرفتاري نه ٿي خبر موجب، شهدادپور ۾ 5 ڏينهن اڳ برهوڻ روڊ جي ڳوٺ هاشم خاصخيلي ۾ ڳوٺ ٻاهران اوطاق تي نامعلوم هٿياربندن جي چڙهائي دوران فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب اوطاق تي ويٺل پورهيت پريل خاصخيلي قتل ٿي ويو هو جنهن جو ڪيس شهدادپور ٿاڻي تي مقتول جي پيءُ محمد خان خاصخيلي جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس ڪاه گرفتاري وغيره نه ڪئي آهي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ڊي ايس پي شهدادپور تنوير شاهه ٻڌايو ته پريل خاصخيلي جي قتل جو ڪيس سندس پيءُ نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪرايو آهي واقعي جي جانچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 13

پنهنجي گهر آڏو قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل قوم پرست اڳواڻ ستار خان چانڊيو جو نوجوان پٽ الهه جڙيو چانڊيو ڪراچي جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو سندس فوت ٿيڻ جي خبر ڪيڻ شهر ۾ باهه جيان پکڙجي وئي نتيجي ۾ شهر فوتي جي سوڳ ۾ مڪمل طور تي بند ٿي ويو فوتي جي مڙهه کي ڪراچي کان ڪيڻ هيلٿ سينٽر آڻي پوسٽ مارٽم ڪيو ويو انهي موقعي تي چانڊيا برادري جي سوين ماڻهن پوسٽ مارٽم کان پوءِ لاش سميت پوليس اسٽيشن ڪيڻ آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ ڪور برادري سان تعلق رکندڙ قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو.

بقايا 14

جي آفيس ۾ ٿي گذري جنهن ۾ اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري، سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي پروگرام مئنيجر رشيد ڪليري، نيوز انچارج فرمان علي سومرو گهوٽڪي 91 ريڊيو جو بيورو چيف مسرت علي مهر آر جي ساجد ڪوراڻي عرفان علي سومرو آر جي مختيار مگريو آر جي نجم ڳنڀاڻي آر جي بيوس بخش علي منگراهه، ٽيڪنيڪل انجنيئر اورنگزيب مهر احمد علي سومرو حاجي نظير احمد لانگاهه اسد علي گهنجون عبدالحفيظ ابڙو ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري مختصر ڳالهائيندي چيو ته گهوٽڪي ريڊيو ايف ايم هڪ فيملي چينل آهي جنهن پنهنجي لسنر کي نه صرف انٽرٽينمينٽ، پر خبرون ۽ مسئلن کي به اجاگر ڪيو آهي ۽ سموري ٽيم محنتي آهي جنهن پاڻ نڀايو آهي پاڪ ڀارت جنگ جي حوالي سان چوڻ هو ته پاڪستان امن پسند ملڪ آهي جيڪو هميشه امن کي ترجيح ڏئي ٿو پر پنهنجو دفاع به ڪرڻ ڄاڻي ٿو اسٽيشن مئنيجر وڌيڪ چيو ته پاڪ فوج جي قربانين کي ڪڏهن به نٿو وساري سگهجي قوم انهن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي.

بقايا 15

گڏ آهي ڪافر مودي کي ڀل آهي ته پاڪستان جي عوام ۽ پاڪ فوج کي شڪست ڏيڻ جي دماغ مان هوا ڪڍي ڇڏي اهڙو اظهار ايڊووڪيٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي عوام ۽ پاڪ فوج جا حوصلا بلند آهن ڪافر مودي کي ڀل آهي ته هو پاڪستان کي شڪست ڏيندو پاڪستان جو ٻچو ٻچو پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مودي کي مونهن ڪوڙ جواب ڏينداسين ڀارت طرفان پاڪستان جي خلاف جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته پاڪستان ذميدار ايٽمي ملڪ آهي ان جي خلاف سازشون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿينديون ذيشان انيس جوڻيجو چيو ته اقوام متحده کي گهرجي ته هو ڀارت جي جنگي جنون جو نوٽيس وٺي ۽ پاڪستان ۽ ڀارت ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو عالمي ڪردار ادا ڪري علائقي ۾ وڌندڙ ايٽمي جنگ جي خدشن کي ختم ڪرائڻ ۽ امن امان بحال ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري هن چيو ته ڀارت پاڪستان کي ڪمزور سمجهي ٿو اها ان جي غلطي آهي

بقايا 16

مغيري، شبير بودي جي اڳواڻي ۾ ڊينٽر پينٽر مڪينڪ ڪالوني بس ٽرمينل سکر کان مسترين جي وڏي انگ ريلي ڪڍي سکر شڪارپور روڊ تي ڀارت خلاف نعري بازي ڪئي ۽ پاڪستاني فوج جي حمايت ۾ نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن پاڪستان جي جنگ ۾ شاندار فتح تي پاڪستاني قوم کي مبارڪ باد ڏيندي چيو ته پاڪستان پر امن ملڪ آهي

بقايا 17

احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين سهڻو خان ڪوسو زاهد حسين عمران علي ظهير عباس ڪوسو ۽ ٻين چيو ته 5 جنوري 2024 تي جتوئي برادري مصراڻي پاڙي جي ڏوهارين اسان جو نوجوان قتل ڪيو هيو جنهن جي ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ 2 هفتا اڳ جوابدار غلام مصطفيٰ مصراڻي غلام سرور مصراڻي سميت 10 هٿياربندن شهر ۾ گهري دڪان مٿان حملو ڪري سمير ڪوسو علي حيدر ڪوسو شيراز ڪوسو ۽ دڪان تي ڪم ڪندڙ معصوم پورهيت عبدالله چوهاڻ کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته رستي ويندڙ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي پڻ ٿي پيا هيا هنن چيو ته واقعي جو ڪيس ٺٽون پنڊ ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر ٻه هفتا گذرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي.

بقايا 18

عورتن کي گرفتار ڪرڻ ۽ شاڪر پرٽ کي گولي هڻي زخمي ڪرڻ بعد ٻه پنهور پرٽ برادري ۽ پوليس جي ميهڙ ٿاڻي تي ڇڪتاڻ، ٿاڻي ۾ پيچ ڊاهه، ايس ايڇ او سميت 3 پوليس اهلڪار زخمي ٿيڻ ۽ 150 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن تي دهشتگردي ايڪٽ ڪيس داخل ڪرڻ بعد ميهڙ پوليس جي وڏن آفيسرن ميهڙ پرسان ڳوٺ عيسي پرٽ تي چڙهائي ڪري پرٽ برادري سميت رمضان قمبراڻي، علي بخش پرٽ، روشن پرٽ، مولا بخش، امير، اڪبر پرٽ سميت 14 ڄڻن جا گهر مڪمل طور ڊاهي ڇڏيا آهن واقعي خلاف پرٽ برادري جي مردن ۽ عورتن احتجاج ڪندي پوليس اهلڪارن تي تشدد ڪرڻ، گهر ڊاهڻ، گهرن مان اناج، سونا زيور، ڪپڙا، بسترا، سولر پليٽون ۽ بئٽريون کڻي وڃڻ جا الزام هڻيا آهن پرٽ برادري جي مردن، عورتن مسمات بيگم، فرزانه، پرٽ ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته دلاڙڪائي ۽ قمبر ضلعي ۾ پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ مسئلو هلندڙ هيو جنهن ۾ پوليس اسان کي بي گناهه ملوث ڪري عورتون گرفتار ڪيون

بقايا 19

نور محمد آرائين عبدالرشيد ڪلوئي، غلام فريد جوڪيو، عاشور ڪلهوڙو، مظفر جوڪيو ۽ ٻين هٿن ۾ پاڪ فوج جا بينر پلي ڪارڊ، جهنڊا کڻي پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي لاءِ دهشتگرد رياست ڀارت خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي جيلاني پمپ کان ڪڍي، ريلي جڏهن قومي شاهراهه تي پهتي ته جلوس جي صورت اختيار ڪري وئي، اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دنيا ڏٺو پاڪ فوج هندستان جي جارحيت جو منهن ڪوڙ ڏئي دشمن فوج جا ائيربيس سندس ملڪ ۾ وڃي تباهه ڪري سڄي قوم جو ڳاٽ فخر سان اونچو ڪري ڇڏيو ۽ دنيا ڏٺو ڀارت جي بزدل فوج پاڪستان جي شاهينن آڏو بيهي نه سگهي ۽ هٿيار ڦٽا سيز فائر ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي.

بقايا 20

وئي، ريلي مڪي چندر بان سورج ڪمار، سڌام چند، عالم خان سيال شرف الدين سومرو، معشوق سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پنج گلي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شامل ماڻهن پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا، ريلي ۾ شامل ماڻهن پاڪ فوج جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ۽ ڍهل تي جهمريون هڻي پاڪ آرمي سان محبت جو اظهار ڪيو هوڏانهن تعلقي انتظاميا طرفان پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي.

بقايا 21

۾ مها ڪرپشن ڪندڙ ڊي سي گلشن ميمڻ خلاف سپاٽي قاضي احمد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر عثمان بگهيو تفصيل مطابق ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر عثمان بگهيو نواب ولي محمد جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايم سي اسپتال کي تباهه ڪندڙ ڊي سي گلشن ميمڻ خلاف قاضي احمد ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ اڄ منهنجي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ ايس ٽي پي تعلقه قاضي احمد جو صدر قربان مهر علي نواز بروهي امين ڪليار ۽ ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي

بقايا 22

جماعت ضمني اليڪشن بعد بوڪلاٽ جو شڪار آهن پوليس ذريعي پي ٽي آئي ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون آهن اهڙو اظهار پي ٽي آئي اڳواڻ دريا بچايو ڪاميٽي سنڌ جي ميمبر لال مالهي پريس ڪلب سامارو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو لال مالهي چيو ته اسان کي ضمني اليڪشن ۾ وڏو ووٽ مليو عوام ساٿ ڏنو. ايندڙ اليڪشن ۾ ان کان وڏي ليڊ سان ڪاميابيون حاصل ڪنداسين. عمرڪوٽ ضلعي جي پوليس نااهل آهي پوليس اسان جي ڪارڪن محرم خاصخيلي ۽ ٻين تي منشيات جا ڪوڙا ڪيس داخل رهي آهي. بود رفارم ۾ پٽي. ميگهواڙ. پنجابي برادري جي ماڻهن تي دهشت گردي جا قلم لڳائي ڪيس ڪيا ويا آهن

بقايا 23

پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ خالد ڀٽ رحمت الله گوپانگ پريس ڪلب آڏو ڏانهيندي چيو ته اناج منڊي ويجهو گهر ٻاهران صبح سوير ٻارڙا پاڻ ۾ وڙهيا هئا جن کي موٽ ڇڏائي ورتو هو هيٺئي ترپنهنجا رشتيدار اشفاق ڪرم علي خرم گوپانگ سميت اٽڪل ست ڄڻا بنا جواز گهر ۾ گهڙي مونکي ڪهاڙين جا وار ڪري زخمي ڪيو بعد ۾ گهر جو سامان به کڻي ويا جيڪو اطلاع حد جي ٿاڻي اسٽور گنج پوليس کي ڪيو آهي پر پوليس ڪو به تدارڪ نه ٿي ڪري ۽ جوابدار بااثر هئڻ جو جواز ڄاڻائي پٽي زخمي ٿيل اعلا اختيارين سميت ايس ايس پي شڪارپور کان گهر ڪئي آهي ته ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪري مونکي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 24

ٻن مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا گرفتار منشيات فروشن تي سرڪار پاران الڳ الڳ ڪيس داخل تفصيل موجب: پوليس باڊهه روڊ تي گشت دوران منشيات فروش ذوالفقار ٽونياري کي هڪ ڪلو ۽ پاءُ چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ۽ ٻئي ڪارروائي ۾ نصيرآباد سرڪاري ڪٽڪ جي گودامن کان چيڪنگ دوران ديوان اشوڪ ڪمار کي 10 شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي پوليس ٻنهي گرفتار منشيات فروشن مٿان سرڪار ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايڇ او نصيرآباد رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي هدايتن تي شهر ۾ منشيات جي روڪٿام لاءِ منشيات فروشن جو گهيرو تنگ ڪيو ويندو

بقايا 25

سميت مختلف جاين تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو جيڪو حب الوطني ۽ قومي اتحاد جي جذبي جو واضح اظهار آهي ان قدم جو مقصد قومي فخر يڪجهتي ۽ شهري ذميوارين جو احساس اجاگر ڪرڻ آهي سرڪاري عمارتن تي ڦڙڪندڙ جهنڊا قوم جي خدمت سان واعدي، وفاداري ۽ جذبي جي نمائندگي ڪن ٿا ڊپٽي ڪمشنر ياسر ڀٽي چيو آهي ته "هي عمل اسان جي قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ ملڪ جي قدرن جي پاسداري لاءِ بي مثال عزم جو عڪس آهي اهو اسان سڀني کي پاڪستاني هجڻ جي حيثيت سان پنهنجي گڏيل سڃاڻپ ۽ ذميوارين جي ياد ڏياري ٿو "ضلعي انتظاميا عوام کي به اپيل ڪري ٿي ته هو به هن قومي جذبي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ سڪون لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن

بقايا 26

خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سردار مارڪيٽ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب سامارو پهتا جتي پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارتي جارحيت خلاف راڄوڻي اتحاد دانيال خاصخيلي ۽ ٻين عوام سان مخاطب ٿيندي چيو ته خاصخيلي راڄوڻي اتحاد پاڪ فوج سان گڏ آهي اگر وطن پاڪستان لاءِ جان ڏيڻو پيو ته اتحاد جو هر نوجوان جان ڏيڻ لاءِ تيار آهن ڀارت پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏي پاڪستان تي ڪو به حملو برداشت ڪونه ڪبو ان موقعي تي ريلي ۾ نعمان خاصخيلي، مناف خاصخيلي، دلبر خاصخيلي، شوڪت خاصخيلي، اولڪ ميگهواڙ، اسد اقبال جٽ ۽ شهرين ٻين معززين شرڪت ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارت خلاف سخت نعريبازي ڪيي وئي

بقايا 27

فرار ٿي ويا، سرحد ويجهو ڪاري گهٽ پرسان قومي شاهراهه تي ميرپور کان گهوٽڪي ويندڙ نوجوان نويد سومرو کان نامعلوم هٿياربند 2024 ماڊل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا، واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو ان موقعي تي متاثر نوجوان ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان ڦريل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 28

ڪردار ادا ڪندڙ عبداللطيف ميمڻ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي صحافين سان ڳالهائيندي هر چيو ته حق ۽ سچ جي صحافت ماڻهن جي مسئلن جو حل آهي صحافي دوست ئي ماڻهن جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن سجاول جي صحافت نمايان رهي آهي سڀئي صحافي دوست هڪ ٿين سجاول ۾ هڪ پريس ڪلب هجڻ گهرجي ٻڌي ۾ ئي طاقت آهي سجاول جا صحافي دوست هڪ پيج تي گڏ ٿين ان لاءِ اسان پڻ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين

بقايا 29

ايس ڊي او ڏهرڪي اريگيشن خلاف مظاهرو اوباڙو سونڻ شاخ جي آبادگارن جو سيدا ڊائريڪٽر اريگيشن ڪاٽي مير پور ماٿيلو خلاف آبادگار اڳواڻن چوڌري عبدالله مياڻ سڪندر ڀارو منظور احمد عالماڻي عبدالشڪور سومرو ۽ ٻين جو سيدا ڊائريڪٽر شبير پتوا اريگيشن انجنيئر ميرپور ماٿيلو موڙهه لوهار ايس ڊي او اريگيشن ڏهرڪي نعيم آفتاب نائيچ خلاف احتجاجي مظاهرو سخت ناري بازي ان موقعي تي آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ظلم آهي اسان جي ٻچن جي روزي آهي سونڻ شاخ ۾ پاڻي ناهي سونڻ شاخ جي ڪاٽي به نه ٿي آهي اسان جڏهن ايس ڊي او ڏهرڪي اريگيشن نعيم آفتاب نائيچ سان رابطو ڪيوسين ته ان ڌمڪي ڏني

بقايا 30

مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب علائقي واسي سخت تڪليفن کي منهن ڏين لڳا ڳوٺاڻن جو گيچاڻي واي سرهاري لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو نعريبازي تفصيل موجب گيچاڻي واي سرهاري لنڪ روڊ جو مرمتي ڪم گذريل 20 سالن کان نه ٿيڻ سبب روڊ ۾ کوڏي جيترا کڏا پئجي ويا روڊ اکوڙي مڪمل تباهه ٿي ويو آهي ان سلسلي ۾ مقامي ڳوٺاڻن امير علي مغيري حبيب الله رخشاڻي منير هوش محمد رند جي اڳواڻي سرهاري روڊ تي نڪتهن اس ۾ احتجاج ڪيو اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل 20 سالن کان روڊ جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ سبب روڊ اکوڙي تباهه ٿي ويو آهي اسڪول ويندڙ شاگرد ٿوڙي مقامي ماڻهون سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

بقايا 31

منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ خاص مهمان طور ڪراچي مان هاءِ ڪورٽ جي وڪيل ميڊم بشرا افتخار پروفيسر نادر جمالي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ امير زادي برهماڻي، يوسي چيئرمين علي غلام لغاري، فراز، زاهد لاشاري، رحمان چنا، واحد چنا، عنايت رستماڻي، صالح ڪوسو شاهه محمد، آصف رستماڻي ۽ غلام نبي رستماڻي شرڪت ڪئي تقريب ۾ آيل مهمانن ڳالهائيندي اداري جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته "تاليج آن فار رائزنگ اسٽار" ڪاڇي جي علائقي ۾ تعليم جي ميدان ۾ روشنيءَ جو ڏيئو ٻاري رهيو آهي خاص طور تي انفارميشن ٽيڪنالاجي جهڙي جديد شعبي ۾ هتان جا نوجوان ڪاميابي سان اڳتي وڌي رهيا آهن جيڪو علائقي لاءِ حوصلا افزا عمل آهي، ان موقعي تي سي آءِ ٽي (CIT) جي ڪورس ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، جڏهن ته پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي خاص ايوارڊ سان نوازيو ويو شاگردن پاران ٽيبلوز پيش ڪيا ويا

بقايا 32

پبلڪ اسڪول شهدادپور سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ سنڌ گرين فائونڊيشن طرفان لڳائي وئي ڪئمپ ۾ مختلف علائقن کان مسڪين غريب مريض اچي ڪري پنهنجو چيڪ اپ ڪرايو. مريضن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون. ان موقعي تي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر آفتاب احمد ڳرواڻ اسڪول جو اونر عبدالسلام انڙ سنڌ گرين فائونڊيشن جو اونر نور منگي، عوامي ورڪرز پارٽي صوبائي صدر قاضي عليناز نظاماڻي اظهر پلاڻ ۽ ٻين چيو ته صحت جي آگاهي لاءِ ڪئمپ لڳائڻ تمام سلو قدم آهي صحت جي بچاءَ جي هڪ ڄاڻ ڏيڻ ۽ غريب مسڪين خلق خدا جي چڪاس ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته ڪهڙا مرض آهن ڊاڪٽر آفتاب ڳرواڻ چيو ته چڪاس ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته ٻارن جي پيٽ ۾ خرابي آهي خاص ڪري بهراڙي جي ٻار ڪچي گهرن ۾ رهن ٿا ان ڪري مٽي ۽ ميٽ کائين ٿا جنهن جي واپرائڻ سان ٻار ۾ پيٽ ۾ سور ۽ مختلف بيماريون جنم وٺن ٿيون بهراڙي جي عورت هڪ ته اڻ پڙهيل آهن

بقايا 33

جي دستوري گڏجاڻي سينيئر شاعر استاد ڪندن لعل جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻيءَ ۾ سنگت جي اڳوڻي اديٽر ۽ ٽاليواري شاعر سجاد ميراڻي نظم، بلال صابر بيت سميع سجاد غزل ۽ اسد بلوچ غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي سجاد ميراڻي چيو ته اڄ ڪلهه جيڪا شاعري سرجي ٿي ان ۾ مزاحمت جي ڪوٽ آهي هن وقت سنڌ تي جيڪو ڏکيو وقت آهي اسان جا اديب ۽ شاعر ان جي نشاندهي ڪري مزاحمتي ادب سرجن. صدارتي راءِ ڏيندي استاد ڪندن لعل چيو ته اڄ جي اديب ۽ شاعر کي ديس ۽ وطن لاءِ لکڻ گهرجي ۽ قلمي جهاد ڪرڻ گهرجي گڏجاڻي ۾ ٻيهرلوءَ جي ڌرتي ۾ رڪيلن ۽ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد کي ساراهيو ويو

بقايا 34

ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي پاڪ فوج زنده آباد جا زوردار نعره هڻيا ويا مودي سرڪار تي ملامت جو وسڪارو رپورٽ موجب وڳڻ ۾ ٽوڏائي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ روڊن تي نڪري مک چوڪ کان وڳڻ سٽي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي انسپيڪٽر قربان علي ٽوڏائي گدا حسين ٽوڏائي صاحب خان ٽوڏائي احسان ٽوڏائي ڪامريڊ غلام حسين ۽ ٻين هٿن ۾ بينر کڻي مودي سرڪار جي جارحيت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي انسپيڪٽر قربان علي ٽوڏائي صاحب خان ۽ ڪامريڊ غلام حسين چيو ته ڀارت جنگي جنون سبب دنيا ۾ ناڪام ٿي ويو آهي پاڪ فوج هر محاذ تي ملڪ جو دفاع ڪندي رهندي جنهن سان پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي پاڪ فوج پاران ملڪ تي ڀارت جي هر وار جو منهن ڪوڙ جواب ڏنو آهي ڀارت دنيا اندر دهشتگردي ڪري رهيو آهي ڀارتي فوج عام شهرين تي حملا ڪيا جوابي ڪارروائي پاڪستان جو حق آهي جيڪو ڀارت کي ڀوڳڻو پيو آهي پاڪستان دنيا جي عظيم ۽ طاقتور فوج آهي پاڪ فوج جي صلاحيتن کي دنيا تسليم ڪيو آهي اقوام متحده ڪشمير مثال ڀارتي جارحيت روڪرائي بيقصور ڪشميرين جو قتل عام بند ڪرايو وڃي.

بقايا 35

جروار تي قاتل پوليس جمعدار اريبلو گهوٽو نڪتو ۽ ٻيا 3 نامعلوم ماڻهو ڪيس ۾ نامزد آخري اطلاعن تائين قتل ۾ نامزد اريبلو جي گرفتاري جي تصديق نه ٿي سگهي جروار جي سياسي سماجي ڌرين پاران ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي سميع الله سومرو ۽ ايس ايڇ او جروار کي گهرجي ته قتل ۾ نامزد ڪيل پوليس جمعدار اريبلي گهوٽي سميت نامعلوم ماڻهن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ جوڊيشنل انڪوائري ڪندي اصل سگهارا چهرا ۽ قتل جو ڪارڻ ظاهر ڪيو وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي تفصيل موجب جروار شهر جي شريف ۽ ڪاروباري خاندان سان واسطو رکندڙ نوجوان شهيد نويد چني کي ٻه هفتا اڳ بائي پاس تي مٽي ۾ گولي هڻي قتل ڪيو جيڪو گهڻا رت بڻيل هو

بقايا 36

موقعي تي ميڙاڪو ڪيو ويو ۽ ڪيڪ تقريبن رسيلي خراج تحسين پيش ڪيو ويو انهي موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ يوسف ڪنڀار قادر بخش ڏٺون وقار ميراڻي سوڀل ميراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد هوش محمد شيدي دشمن کي للڪار ڪري سنڌ جي وطني حيثيت بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هن ان وقت پنهنجي قوم جي وارثي ۽ مالڪي ڪئي جڏهن حڪمران هيٺا ۽ ڪمزور لڳا پيا هئا. هن هلندڙ جنگ ۾ مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا نعرا هڻي دشمن جي صفن ۾ پاڄ وڌي هو سر ڪٽائي شهيد ڏئي ويو پر سنڌ نه جهڪايو اهڙا ڪردار صدين گذرڻ باوجود به قوم کي ياد هوندا آهن شهيد هوش محمد شيدي سنڌ جي لاءِ ساهه جي آخري هڏڪي تائين وڙهيو جيڪو مياڻي جي جنگ جو اصل فاتح ٿيو ان موقعي تي شڪور ميربحر شبير شاهه ۽ جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ سومار ٻارڻ پڻ خطاب ڪيو ٻئي طرف قومي پارٽي يونٽ چار جو اجلاس ضلعي صدر وقار ميراڻي جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ چار ڳوٺ يونٽ جا نوان عهديدار چونڊيا ويا. جنهن موجب صدر عبدالشڪور ميربحر نائب صدر شبير شاهه بخاري، جنرل سيڪريٽري محمد موسي ٻارڻ جوائنٽ سيڪريٽري خادم ميراڻي ۽ خزانچي شهزاد ميراڻي کي مقرر ڪيو ويو ٻئي طرف جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور چيو آهي ته سنڌ جون زمينون ۽ سنڌو درياهه کي بچائڻ جي لاءِ نئين سر جدوجهد جي ضرورت آهي پرامن سياسي قومي جدوجهد ئي سنڌين کي بچائي سگهي ٿي. ان لاءِ سنڌ جي سڀني باشعور ماڻهن کي اڳتي اچڻو پوندو جيستائين سنڌ جي قومپرست سياست مضبوط نه ٿيندي، تيستائين سنڌ جا مسئلا حل ٿي نه سگهندا.

بقايا 37

جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي چيو ته ڀارت رات جي اونداهه ۾ اسان جي پاڪ وطن تي حملو ڪيو اسان جي باهمت بهادر فوج پنهنجي ملڪ جي دفاع ۾ دشمن کي ڀرپور جواب ڏنو ۽ الحمد الله دنيا ڏٺو ته اسان جي فوج ڪاميابي ماڻي هن چيو ته ريلي جو مقصد اهو آهي ته اسان دشمن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا پوري قوم متحد آهي اسان پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين دشمن سان وڙهنداسين هڪ دفعو ٻيهر پاڪ فوج دنيا تي ثابت ڪيو ته اسان جي فوج دنيا جي قابل فوج آهي ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر انجم علي سومرو ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سڪندر ڏلاور هليو سورمي ست جي اڳواڻ ماروي عابده سمون سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرن مختلف کاتن جنهن ۾ تعليم صحت پوليس ريوينيو رڪس هاءِ ري لوڪل گورنمينٽ صحافين سول سوسائٽي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عورتن ٻارڙن ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 38

جي اڳواڻ مقدس چانڊيو، عطا چانهيو، ايڊوڪيٽ محمد اعظم خاصخيلي، ايڊووڪيٽ عابد ڪلهوڙو، ايڊوڪيٽ سعيد پنهور، ايڊوڪيٽ رحيم بخش ٻگهيو، علي نواز سومرو، ايڊوڪيٽ پنهل ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن عورتن ٻارڙن جهنڊا بينر کڻي اٽڪ پمپ بيٽو روڊ کان نڪتهن اس ۾ 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري نعريبازي ڪندا هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي مختلف رستن کان ٿيندي ٽاور چوڪ وٽ پهتي ان موقعي تي هنن خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جا جيالا سنڌ حڪومت جا حڪمران سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙا هڻي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان پنهنجن من پسند ماڻهن کي زمينون ليز ڪري ڏئي ڇڏيون آهن سنڌ جو عوام ڪڏهن به سازش کي برداشت نه ڪندو اسين نااهل ڪرپٽ حڪمرانن کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهڙا نام نهاد ڪوڙا سنڌ دشمن منصوبا فورن ختم ڪري سنڌ جون زمينون اتان جي رهاڪو سنڌين کي ڏنيون وڃن نه ته ٻي صورت ۾ ٻيهرلو وانگر تحريڪ شروع ڪنداسين

بقايا 39

جي آسڻ تي منعقد ڪئي وئي جنهن جي صدارت درگاهه سيد تاج علي شاهه بودلائي جي سجاده نشين سيد علي حيدر شاهه لڪياري ڪئي. جڏهن ته مهمان خاص سنڌ ڪلچرل فورم جو باني صادق لاکو هو ادبي ڪانفرنس توڙي عرس جي تقريب ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سوين ماڻهن ۽ ناميارين شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات سيد تاج علي شاهه بودلائي جي مزار تي چادر چاڙهڻ سان ڪئي وئي جنهن کان پوءِ فنڪارن رجب علي فقير محبت فقير ۽ ٻين سيد تاج علي شاهه بودلائي جون ڪافيون ٻڌايون. تقريب کي منڌار بگهيو محمد عالم ڪيريو قاضي جاويد سنائي قربان علي ڏيٺو قلندر بخش ملاح سارنگ ملاح ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته صدارتي خطاب ۾ سيد علي حيدر شاهه لڪياري، سيد تاج علي شاهه بودلائي جي زندگيءَ تي روشني وڌي ۽ چيو ته سيد تاج علي شاهه بودلائي جو اصل عشق پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ سان هو ان موقعي تي درگاهه جي سجاده نشين سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙي تي مذمت ڪئي ۽ چيو ته سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي سيد علي حيدر شاهه چيو ته سنڌ ۾ اسلام جي ڦهلاءَ ۽ انسانيت جي خدمت جي حوالي لڪياري سادات جو اهم ڪردار رهيو آهي سائين تاج علي شاهه بودلائيءَ پنهنجي وقت جو وڏو صوفي بزرگ هجڻ سان گڏو گڏ سائين جي ايم سيد جي سنڌ شناسيءَ ۽ سجاڳيءَ واري هلچل جو پڻ ساٿي رهيو آهي سنڌ جو مزاج کيهه جيان نرم آهي سنڌ ڪڏهن به ڪنهن مٿان چڙهائي ناهي ڪئي

بقايا 40

تفصيل موجب خيرپور جي هر چوڪ تي مرغي وڪرو ڪندڙ دڪاندار بيمار ۽ مئل مرغي وڪرو ڪرڻ لڳا آهن پنجهٽي خاڪي شاهه پل ڳاڙهي پل لقمان ۽ ٻين هنڌن تي سري عام بيمار مرغي وڪن ٿا جنهن سبب ماڻهو بيمار ٿي وڃن ٿا انتظاميا کو به چيڪ بيلنس نه ٿي ڪري جنهن سبب دڪاندار پئسا ڪمائڻ لاءِ مئل ۽ بيمار مرغي وڪرو ڪن ٿا شهرين وڌيڪ چيو ته انتظاميا کي گهرجي ته دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهرين کي مختلف بيمارين کان بچايو وڃي.

آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی
حکومت پاکستان

Oil & Gas Regulatory Authority
Government of Pakistan

جدت سے تعبیر ہوا پائیدار توانائی کا خواب

آئل اینڈ گیس ریگولیٹری اتھارٹی (اوگرا) کی جانب سے

E-Licensing System کا آغاز

قدرتی گیس | آئل | ایل این جی | سی این جی | ایل پی جی

کے مڈ سٹریم اور ڈاؤن سٹریم شعبے میں شراکت داروں اور سرمایہ کاروں کیلئے سہولت

ای لائسنسنگ کی بدولت نئے لائسنس کا حصول یا لائسنس کی تجدید پہلے سے زیادہ آسان اور شفاف

E-License کیلئے وزٹ کریں
https://elicence.ogra.org.pk/login

اوگرا کا E-LICENSING سسٹم ہے

باسہولت | موثر | شفاف | آسانی سے قابل رسائی

E-License کے ذریعے توانائی کے شعبے میں لامحدود مواقعوں سے فائدہ اٹھائیں

URAAN PAKISTAN

Public Service Message:
قدرتی گیس کے غیر ضروری استعمال سے اجتناب آپ کا اخلاقی اور معاشرتی فریضہ ہے۔

www.ogra.org.pk

PID (I) 7656-D/24

خانپور مهر ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ڊار ڊار ريليون، پاڪ فوج زنده آباد

هندو پنچائت جي سڏ جي شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شاندار ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ روينيو، صحت کاتي جي عملدارن سميت سماجي ڪارڪنن سميت وڏي انگ ۾ عوام جي شرڪت

اسين پاڪ فوج کي سلام پيش ڪيون ٿا، پاڪ فوج پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿي: عملدار

خانپورمهر (رپورٽر) خانپور مهر ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ڊار ڊار ريليون ڪڍيون ويون، خبر موجب خانپورمهر ۾ هندو پنچائت جي سڏ جي شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن پاران شاندار ريلي ڪڍي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

خانپور مهر: پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوابشاهه جي اسپتال جي وي سي خلاف اڄ قاضي احمد ۾ احتجاجي مظاهرو رٿيل

نواب ولي محمد (رپورٽر) نوابشاهه جي اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف انتقامي ڪارروايون پيون ٿين: لال مالهي

سامارو (رپورٽر) ضلعي عمرڪوٽ ۾ حڪمران /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

عوامي پورهيت تحريڪ پاران ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان پنهنجن من پسند ماڻهن کي زمينون ليز ڏني پئي وڃي: اڳواڻ

اسين نااهل ڪرپٽ حڪمرانن کي چتاءُ ٿا ڏيون ته اهڙا نام نهاد ڪوڙا سنڌ دشمن منصوبا فورن ختم ڪري

سنڌ جون زمينون اتان جي رهاڪو سنڌين کي ڏنيون وڃن نه ته ٻي صورت ۾ هيرلو وانگر تحريڪ شروع ڪنداسين

ميهڙ (رپورٽر) سنڌ جون زمينون سنڌ جا وسيلا ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان نيلام ڪرڻ خلاف عوامي پورهيت /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

وڳڻ ۾ شهري پاڪ فوج جي حمايت ۾ روڊن تي نڪري آيا

ٽوٽائي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي

ڀارت جنگي جنون سبب دنيا ۾ ناڪام ٿي ويو آهي: اڳواڻن جو خطاب

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ ٽوٽائي اتحاد ۽ شهرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ روڊن تي نڪري مک چوڪ کان سٽي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

گيچاڻي ويا سرهاري لنڪ روڊ جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو

گيچاڻي (رپورٽر) گيچاڻي واءِ سرهاري لنڪ روڊ جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

نوجوان شهيد نويد چني جو قاتل پوليس جمعدار نڪتو، گرفتاري نه ٿي

جروار (رپورٽر) ٻه هفتا اڳ نوجوان شهيد نويد چني جي قتل جا پيرا پوليس اسٽيشن/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سجاول شهيد هوش محمد شيدي جي ورسي منعقد، ڀيٽا پيش

هوشو مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا نعرا هڻي دشمن جي صفن ۾ ڀاڄ وڌي: اڳواڻ

شهيد هوش محمد شيدي دشمن کي للڪاري سنڌ جي وطني حيثيت بچائڻ جي ڪوشش ڪئي

سجاول (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان سجاول جي وڏي وسنديءَ چار ڳوٺ ۾ شهيد هوش محمد شيدي جي ورسي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

پاڪ فوج پاران ڀارتي جنگي جنون ڪچلڻ تي بدين ۾ به يوم تشڪر ملهايو ويو

اي ڊي سي ون ڪاشف رضا منگي جي قيادت ۾ ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

ڀارت رات جي اونداهه ۾ پاڪ وطن تي حملو ڪيو، اسان جي باهمت بهادر فوج ڀرپور جواب ڏنو: ڪاشف رضا منگي

هڪ دفعو ٻيهر پاڪ فوج دنيا تي ثابت ڪيو ته اسان جي فوج دنيا جي قابل فوج آهي: ريلي کي خطاب

بدين (ڊ ر) ڀارتي جنگي جنون جي خلاف پاڪ فوج جي ڀرپور ڪامياب جوابي ڪارروائي تي پوري ملڪ جيان بدين ۾ به يوم تشڪر ملهايو ويو انهي سلسلي ۾ مرڪزي ريلي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

بدين: پاڪ فوج جي بهادري ۽ ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ تي يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

راڻيپور: رهواسڻ جو پٽ سان گڏ بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

بااثر ظهير، ارشد، منصور آغا، رضا علي، وجهه الدين زمين تي قبضي لاءِ مارڻ چاهين ٿا

مڙس فوت ٿيو ته پئسا به زمين جا وڏائي ورتائون، سنڌن خلاف ڪارروائي ڪريو: مسمات دريا خان پيلار

بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري جان بچائڻ لاءِ تحفظ مهيا ڪيو وڃي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ويجهو ڳوٺ وڏا پيلار جي رهواسڻ پنهنجو پٽ ساڻ ڪري صحافين اڳيان پهچي بااثر ظهير پيلار سندس پٽن خلاف اڪت مارڻ جون /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

راڻيپور: پيرسن جو پٽ سان گڏجي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

پاڪستان جي ڪاميابي الله جي مدد ۽ قومي اتحاد جو نتيجو آهي: عبدالقيوم هاليجوي

خيرپور (ڊ ر) جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي خيرپور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جو آءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

سانگهڙ ۾ طالبن پاران پاڪ فوج ۽ پاڪ فضائيه جي حمايت ۾ ريلي، خراج تحسين پيش

قاري عبدالباسط ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ طالبن هندستان جو غرور ڪچلڻ تي پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي

جيئڻ جوانن دشمن کي ڪجهه ڪلاڪن ۾ منهن ٽوڙ جواب ڏنو، اهو قوم جو هٿياربند فوج تي اعتماد جو ثبوت آهي

ريلي جي آخر ۾ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ دعا پڻ گهري وئي

سانگهڙ (رپورٽ: غلام رسول تاريجو) سانگهڙ ۾ مدرسي جي طالبن پاران پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش، ريلي ڪڍي وئي، ايم اي جناح روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي، نعرا لڳايا ويا، قومي جذبو نظر آيو. تفصيل موجب سانگهڙ ۾ قاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

بدين ۾ رٽائرڊ فوجين جي تنظيم پاران پاڪ فوج ۽ ايئر فورس کي خراج تحسين

پاڪ فوج جي جوانن هميشه پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ جان جا نذرانا ڏنا: اڳواڻ

پاڪستان فورسز کي ڀارت خلاف جنگي برتري تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بدين (ڊ ر) رٽائرڊ فوجين جي تنظيم پاران پاڪ آرمي ايئرفورس ۽ نيوي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي پريس ڪلب /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

سکر ۾ تنظيم خطباءِ اهلسنت والجماعت پاران مجلس عاملا جو گڏيل اجلاس منعقد

سکر (بيورو رپورٽ) تنظيم خطباءِ اهلسنت والجماعت ضلع سکر پاران، عثماني غني مسجد فريڪل ڪالونيءَ ۾ مجلس عاملا جو گڏيل اجلاس تنظيم جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

شهدادپور ۾ مقتول پورهيت پريل خاصخيلي جو قتل ڪيس داخل

مقتول جي پيءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪابه گرفتاري نه ٿي

ڪيس سندس پيءُ نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪرايو، واقعي جي جانچ ڪريون پيا: ڊي ايس پي

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ۾ 5 ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب اوطاق تي ويٺل ڳوٺاڻي جي مارجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۽ پاڪستان جي شاندار فتح تي ريلي

شيطاني ذهنيت واري نريندر مودي بلاجواز پاڪستان مٿان جنگ مڙهي ملڪ جي تباهي ڪرائي: اڳواڻ

هندستان پاڪ فوج جي هڪ ڪارروائي جي ڊپ نه جهلي، امريڪي صدر جي پيرن تي ڪري جنگ بندي لاءِ منٿون ڪيون

اسان پاڪستاني فوج جي آرمي چيف سميت ٻين جرنيلن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪيون ٿا، پاڪ فوج زنده باد

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪ فوج جي حمايت ۽ پاڪستان جي شاندار فتح جي خوشي ۾ سکر موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران سيد سجاد علي شاه اڪرم مستوئي محبوب حسين نعيم مغل شهزاد اڪبر /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

سکر: موٽر ورڪس ايسوسيئيشن پاران ڀارت جي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور: ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙي جا زخمي داتهي رهيا آهن

شڪارپور ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو زخمي

صبح سوير ٻارڙا پاڻ ۾ وڙهيا، رشتيدار اشفاق ۽ ٻيا ٻنا جواز گهر ۾ گهڙي زخمي ڪيو

ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪري مونکي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو هڪ ڄڻو پورهيت ڪهاڙي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو زخمي جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

واهي پانڌي ۾ تعليمي نجي اداري پاران ساليانيا ايوارڊ تقريب

ناليج ان فار رائزنگ اسٽار ڪاچي ۾ تعليم جي ميدان ۾ روشنيءَ جو ڏيئو ٻاريو آهي: مقرر

تقريب ۾ وڪيل بشرا افتخار، پروفيسر نادر جمالي، اميرزادي برهماڻي ۽ ٻين جي شرڪت

واهي پانڌي (رپورٽر) واهي پانڌي ۾ تعليمي نجي اداري "ناليج ان فار رائزنگ اسٽار" پاران سالانه تقريب جو شاندار پروگرام /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ميهڙ: عوامي پورهيت تحريڪ پاران پيادل مارچ ڪڍيو پيو وڃي

شهدادپور ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم، مريضن کي مفت دوائون ڏنيون ويون

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ سنڌ گرين فائونڊيشن طرفان ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ ۾ مختلف علائقن کان مسڪين غريب مريضن چيڪ اپ ڪرائي دوائون حاصل ڪيون

ملدسي (رپورٽر) شهدادپور ۾ مفت طبي ڪئمپ ۽ بنيادي صحت جي آگاهي لاءِ هڪ ڏينهن روزا مفت ڪئمپ علاما آئي آئي قاضي /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

اڄ ڪلهه جي شاعري ۾ مزاحمت جي ڪوٽ آهي: سجاد ميراڻي

سنڌ تي ڏکيو وقت آهي، اديب ۽ شاعرن جي نشاندهي ڪري مزاحمتي ادب سرجين

خيرپور (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ / ڏسو صفحو 3 بقايا 33

حق ۽ سچ جي صحافت ماڻهن جي مسئلن جو حل آهي: سورج سجاولي

صحافي دوست ئي ماڻهن جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن

سڀئي صحافي دوست هڪ ٿين سجاول ۾ هڪ پريس ڪلب هجڻ گهرجي: عبداللطيف ميمڻ

سجاول (رپورٽر) سجاول جي سياست ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندڙ عبداللطيف ميمڻ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي صحافين /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سڪرنڊ: سيد تاج علي شاه ٻودلائيءَ جي 43هين عرس مبارڪ جي موقعي 27 ادبي ڪانفرنس

عرس تي ادبي ڪانفرنس درگاه سيد تاج علي شاه ٻودلائي جي آسڻ تي منعقد ڪئي وئي، اديبن جي شرڪت

ادبي ڪانفرنس توڙي عرس جي تقريب ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سوين ماڻهن ۽ ناميارين شخصيتن شرڪت

فنڪارن رجب علي فقير، محبت فقير ۽ ٻين سيد تاج علي شاه ٻودلائي جون ڪافيون ڳايون

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ جي تاريخي ماڳ دليل ڪوٽ ۾ سنڌ ڪلچرل فورم طرفان سيد تاج علي شاه ٻودلائيءَ جي 43هين عرس مبارڪ جي موقعي ستاويهن ادبي ڪانفرنس درگاه سيد تاج علي شاه ٻودلائي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سکر پوليس جو ڪارنامو، وڏيڪ گم ٿيل نينگري ڳولهي وارثن حوالي

ايس ايڇ او آباد ٿاڻو ذوالفقار چاچڙ گم ٿيل آمنه نالي هڪ ٻارڙي کي ڳولهي ورتو

نينگري چاچي داد الله ولد شاهنواز رند ۽ ان جي ماءُ حوالي ڪري ڇڏيو، وارثن ۾ خوشي جي لهر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر پوليس هڪ ٻي گم ٿيل ٻارڙي کي ڳولهي وارثن حوالي/ڏسو صفحو 3 بقايا 04

شهدادپور ۾ ٻن سڳن ڀائرن جو پاڻي جي واري تان جهيڙو، ٻئي زخمي

جهيڙي ۾ گولي لڳڻ سبب معشوق زرداري طفيل زرداري سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي مقصودو رند پوليس سمس اسپتال آندو، حالت خراب هجڻ سبب حيدرآباد ريفر

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو مقصودو ايٽ دريا خان رند ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ عبدالحڪيم زرداري ۾ ٻن سڳن ڀائرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

سڪرنڊ ويجهو پٽي ٻيلي مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ

اطلاع تي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو

سڃاڻپ نه ٿيڻ ڪري تعلقه اسپتال جي مرده خاني ۾ امانت طور رکيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ لڳ ڪچي جي علائقي ۾ قائم پٽي ٻيلي مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سانگهڙ: مدرسي جا طالبين پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم جي 18 هين سالگرهه تقريب منعقد

اسٽيشن مئنيجر سيد غضنفر بخاري، سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽي پاڪ فوج کي پڻ ڀيٽا پيش ڪئي

ريڊيو ايف ايم فيملي چينل آهي جنهن عوام کي نه صرف انٽرٽينمينٽ ۾ خبرن ۽ مسئلن کي اجاگر ڪيو: بخاري

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم جي 18 هين سالگرهه جي رنگا رنگ تقريب گهوٽڪي 91 ريڊيو ايف ايم /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

نصيرآباد پوليس جون ڪارروايون، ٻه منشيات فروش گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس ديوان اشوڪ ڪمار کي 10 شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي

ٻارن کي منشيات جهڙي موذي جو عادي بڻايو پيو وڃي، ڪارروايون ڪنداسين: پوليس

نصيرآباد (رپورٽر) ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي سخت هدايتن تي ايس ايڇ او نصيرآباد پوليس تفري ساڻ گڏ شهر جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

نصيرآباد: پوليس ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل جوابدار ميڊيا آڏو پيش ڪيا پيا وڃن

سکر ۾ هفتا اڳ ڪوسا برادري جي ٽن مقتول نوجوانن سميت 4 ڄڻن جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج

ڄتوئي برادري مصرائي ٻاڙي جي ڏوهارين نوجوان قتل ڪيو، ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ وري حملو ڪيو ويو: مظاهرين

2 هفتا اڳ جوابدارن حملو ڪري سمير، علي حيدر ۽ شيراز ڪوسو سميت پورهيت عبدالله جروار کي قتل ڪيو

جوابدار اسان کي ۽ پوليس کي ڌمڪيون ڏئي ويڊيو وائرل پيا ڪن، نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪريو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي قريشي ڳوٺ ۾ ٻه هفتا اڳ مارجي ويل ڪوسا برادري جي ٽن نوجوانن سميت 4 ڄڻن جا قاتل /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي طور شڪر جو ڏينهن ملهايو ويو

تقريب ۾ پاڪ فوج پاران ڀارت کي فيصلائتو جواب ڏيڻ جي خوشي ۾ ڪارڪنن ۽ عوام ۾ مٺايون ورهايون ويون

قوم کي پاڪستاني فوج تي فخر آهي جيڪا سرحدن ۽ ملڪ جي بهتر طريقي سان حفاظت ڪري پئي: اڳواڻ

پاڪستاني قوم انهن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي، کي هميشه سونهري اکرن ۾ لکيو ۽ ياد رکيو ويندو

ٺٽو (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (پاڪستان) ٺٽو زون پاران رات دير سان فلٽر پلانٽ گهارو ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ هندستان کي ڀرپور جواب ڏيڻ ۽ جنگبندي ٿيڻ تي "شڪر جو ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ٺٽو: ايم ڪيو ايم پاران پاڪ فوج جا يڪجهتي طور ريلي ڪڍي پئي وڃي

سرحد ويجهو هٿيارٻند ٻن ڄڻن کي مبينا اغوا ڪري ويا، پيرا ڪچي طرف روانا

آنڌل سندراڻي ٿاڻي جي حد مان مڇي جي تلاءَ تان ٻن ڀائرن جاويد ۽ صدام مهر کي هٿيارٻند مبينا طور اغوا ڪري ويا

واقعي جو پوليس کي اطلاع ڪيو ويو، واقعي بعد ڳوٺاڻا پوليس جي مدد سان پيرا کڻي ڪچي طرف روانا ٿيڻ جا اطلاع

پٽن جاويد ۽ صدام مهر پنهنجي مڇي جي تلاءَ تي ويل هئا ته واپس ناهن موٽيا جن کي اغوا ڪيو ويو آهي: علي گل مهر

گهوٽڪي (رپورٽر) سرحد ويجهو هٿيارٻند ٻن ڄڻن کي مبينا اغوا ڪري ويا، واقعي بعد پوليس کي اطلاع ڪيو ويو، سرحد ويجهو آنڌل سندراڻي ٿاڻي / ڏسو صفحو 3 بقايا 07

شڪارپور جي بيواهه جو گڏجي پريس ڪلب وياجين جي ظلمن خلاف احتجاج

پٽ حلوا پڙي جو ريڙهو هڻي گهر جو خرچ هلائيندو آهي، سجاد ميمڻ نالي وياجي تنگ پيو ڪري

هڪڙي موبائل ڏئي لکين روپيا ورتا ويا، ڌمڪيون پيون ملن: بيواهه اقبال خاتون سومرو

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور فيض علي شاهه گهٽي جي رهواسڻ بيواهه اقبال خاتون سومرو پنهنجي پٽ فيصل سومرو سان / ڏسو صفحو 3 بقايا 08

شڪارپور: بيواهه پٽ سان گڏجي وياجين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ڪيڏڻ ۾ گهر آڏو قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل نوجوان لاڏاڻو ڪري ويو، ڌرڻو

ستار خان چانڊيو جو نوجوان پٽ الهه جڙيو چانڊيو ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو

ڏيجهي تائين جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين: وارث

بدين (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڪيڏڻ ۾ شهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ميهڙ ٿاڻي تي پرٽ برادري تي ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس جي چڙهائي، 14 گهر ڊاهي پٽ

پوليس وڏن اٿالن ڳوٺ عيسي پرٽ تي چڙهائي ڪري پرٽ برادري سميت رمضان قمبراڻي ۽ ٻين جا گهر ڊاهي ڇڏيا

رهواسين جو پوليس تي تشدد، گهر ڊاهڻ، اناج، سونا زيور، ڪپڙا، بسترا، سولر پليٽون ۽ بئٽريون کڻڻ جا الزام

پنهور برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۽ قتل سان اسان جو ڪو واسطو ناهي، انصاف ڪيو: متاثر ڌر

ميهڙ (رپورٽر) 2 ڏينهن اڳ ميهڙ پوليس جي سنڌي هٽڙا تي چڙهائي ڪرڻ دوران پوليس پاران پنهور برادري جي گهرن ۾ گهڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ميهڙ: پرٽ برادري جا ماڻهو پوليس جي چڙهائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نواب ولي محمد ۾ پاڪ فوج پاران هندستان کي منهن ٽوڙ جواب تي شهرين جي ريلي

دنيا ڏٺو پاڪ فوج هندستان جي جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي ڪيس خاموش ڪرائي ڇڏيو: اڳواڻ

دشمن فوج جا ائير بيس سندس ملڪ ۾ وڃي تباهه ڪري سڄي قوم جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو

ڀارت جي بزدل فوج پاڪستان جي شاهينن آڏو بيهي نه سگهي ۽ هٿيار ڦٽا سيز فائر ڪرڻ تي مجبور ٿي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد ۾ پاڪ فوج پاران هندستان کي منهن ٽوڙ جواب ڏئي ناپاڪ ارادن کي تباهه ڪرڻ خلاف پاڪستان لڪس سروس مين سوسائٽي جي عبدالستار چانڊيو، ياسين ڪان، /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

نواب ولي محمد: هندستان جي جارحيت ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

گهوٽڪي پرسان نوجوان کان نامعلوم هٿيارٻند موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار

قومي شاهراهه تي نوجوان نويد سومرو کان نامعلوم هٿيارٻند موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي پرسان سرحد جي قومي شاهراهه تي نوجوان کان نامعلوم هٿيارٻند موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا، سرحد ويجهو ڪاري گهٽ پرسان قومي شاهراهه تي ميرپور ڪان /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت راجوٽي اتحاد پاران ريلي، ڀارت خلاف نعريبازي

سامارو (رپورٽر) سامارو ۾ پاڪ فوج جي حمايت /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

خيرپور ۾ مئل ۽ بيمار مرغي وڪامڻ لڳي، بيماريون پکڙجڻ لڳيون

شهر ۾ مرغي وڪرو ڪندڙ دڪاندار بيمار ۽ مئل مرغي مڪرو ڪرڻ لڳا

پل لقمان ۽ ٻين هنڌن تي بيمار مرغي وڪامڻ تي انتظاميا حرڪت ۾ نه آئي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ مئل ۽ بيمار مرغي وڪامڻ لڳي انتظاميا جي اکين تي پٽي ٻڌل، ماڻهو بيمارن جي وڪ چڙهي ويا، /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

اوباوڙو سونڊ شاخ جي آبادگارن جو سيڊا ڊائريڪٽر ايريگيشن انجنيئر ماڻيلي خلاف احتجاج

ظلم آهي اسان جي ٻچن جي روزي آهي سونڊ شاخ ۾ پاڻي ناهي سونڊ شاخ جي ڪاڻي به نه ٿي آهي: آبادگار

اسان ڪڏهن ايس ڊي او ڌهرڪي ايريگيشن نعيم آفتاب ناٿيچ سان رابطو ڪيوسين ته ان ڌمڪي ڏني

افسوس آهي اسان جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خطرو آهي سونڊ شاخ ۾ پاڻي ڏئي آبادگارن سان انصاف ڪريو

اوباوڙو (رپورٽر) عبدالغفار پنهور اوباوڙو سونڊ شاخ جي آبادگارن جو سيڊا ڊائريڪٽر ايريگيشن انجنيئر مير پور ماٿيلو /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

اوباوڙو: آبادگار پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪرنسي جا اگهه

ڪرنسي	خريد	وڪرو
امريڪي ڊالر	280.90	282.40
يورو	322.65	325.40
برطانوي پائونڊ	374.90	378.4
يو اي اي درهم	76.35	77.20
سعودي ريال	74.90	75.45
ڪويتي دينار	905.20	914.70
ڪئنيڊين ڊالر	202.85	205.25
آسٽريلين ڊالر	180.75	183.00
جاپاني ين	2.00	2.06
ملائيشين رنگٽ	62.98	63.58
قطري ريال	76.38	77.08
بحرين دينار	741.30	749.30
ٿائي ڀاٽ	8.25	8.40
چيني يو ان	37.59	37.99
هانگ ڪانگ ڊالر	35.85	36.15
نيوزيليند ڊالر	164.73	166.73
سنگاپور ڊالر	215.6	217.60
سوئيڊش ڪرونا	28.84	29.14
سوئس فرينڪ	314.86	317.66
ڀارتي روپيو	3.19	3.28

سون جا اگهه (في تولو)

ڪراچي	360,342
حيدرآباد	360,342
سکر	360,342
لاهور	360,342